# ماڑکی

# رُحَءِ پَشادا

ناولٹ

# سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

## صاحب خان سورھ ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

پبليڪيشنس


پرنٽر : سيد مظفر حسين، پرفيڪٽ پرنٽرس، ۴٧۴ صدر حيدرآباد
پبلشر : ميراحمد، الهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ.


قيمت: پنج رپيا

هيءُ ناولٽ پهريئن ”ميسوڙي“ جي سري هيٺ ١٩٦٨ع کان ١٩٦٩ع ڏاري لکيو ويو.

وري، پيهر ١٩٧٣ع کان ١٩٧٥ع جي وچ ۾ ’رچ ۽ پڙاڏا‘ جي سري هيٺ لکيل.

١-٥-١٩٧٦ع

● ڏهاڙيءَ وانگر آفيس مان نڪري:
ٻوڙيل ذهن سان، ساڳي جسم سان گهليندي گهليندي
گهر جي در تي پهچڻ تائين، احساس ٿيستا، وچايل،
اڻ - چاڻ پنهنجو پاڻ کان.
ڪلف ڪولي اندر گهڙڻ سان: ڪلهه وانگر اڄ به،
ٽپيل هوا جي اوچتي جهوٽي وانگر خالي خالي
گهر جي عجيب مانت، ٻسي زندگيءَ موت جهڙي
ويرانيءَ جو احساس ڏياريندڙ. گهر، لڳندڙ: چڻڪ،
زندگي، زندگيءَ جي چرپر ۽ تازگي کي گهڙيون
اڳ موڪلائي ويل. مرونيل روح ۾ رانيوٽا هڻندڙ
ٻيانڪ سپني سمان مانت.

Soorih Mirani

ان کي مرڻ واري اداسي وڌيڪ چٽو ڪندڙ. ڇاپوڙا
لٽل ڦٽين تان منجندڙ اس جا ترڪا، ان ڀاسائيءَ کي
وڌيڪ پيانڪ بڻائيندڙ.

جهوليءَ ڪٽ تي پاڻ مڻيندي، نپوڙيل ذهن ۾
ڦسٽن احساس ڪارڻ هيڊائيءَ جو ڳهر. منڌ منڌ جي
سور مان سلندڙ، منڙو، هلڪڙو سرور ڀريو مزو.

پاڻ تڳندڙ ويساهه سان ته: ترسڪ پڄندڙ!

مروٽيل احساس، ماٺا منڌ، ڪا مهل، ڪپل تائين
اٿين ٿي چڪنا چور، اڌ مٺا پيل، ڪپل جهوليءَ
ڪٽ اندر، جيئن جو تيئن، ڪيتريءَ مهل تائين
ٻي، سُرتو.

وڌندڙ اونداهه، سانت ۾ ويرانيءَ کي وڌيڪ پوائتو
بڻائيندڙ.

اوچتو، ڏکي، اونهي ساهه سان: مروٽيل حواس
اندر، زندگيءَ جي ويران هجڻ، ڪنهن زبردست ڪوٽ
هجڻ جي چيريندڙ وهڪ جي رواني.

هيءَ حياتيءَ ۾ ـــ ناسن مان ڏکهو، اونهون ڪنيل
پيو ساهه، جسم جي چرپر: ٻنهي هٿن جو آڱريون ملائي
اڪاءَ ۾ جسم کي سڄي ٽڙڪائ.

هن ڇپر ۾ مان ٿڪندڙ، ٻولاٽيون ڪائيندڙ روح، ان ٻوائتي، سانت واري ويرانيءَ ۾.

ٻرندڙ تيليءَ جو شعلو، سگريٽ جو ڪش، ڪش مٿان ڪش. ڦهلجندڙ دونهون.

عاشي: ٻه ريل، مٿي اپريل گڏ. خماريل اکيون، سانورو رنگ.

در کوليندي: ”ادا، دير ڪيئي؟“ پريشاني ليٽا پائيندڙ منهن منجهان.

ڪش مٿان ڪش، ڦهلجندڙ دونهون. آکر جي ڪنڊ ۾ آجڙيل چلهه، ٻرمان ٻيل ڪاٺيون. چلهه ۾ اگر ۽ ڇار. ٻيري ويٺل عاشي منجيءَ تي. ٻرندڙ باهه چلهه ۾، تئي تي پچندڙ ماني. عاشيءَ جي مٿي تان رئو سرڪي ويل. ڏاڍي ڪاري چوٽيءَ جو گل زمين کي ڇهندڙ.

پڇتاءُ: ٻانيان تو ڪيس ڀڳي هي ٻيو مهينو اچي ٿيو آهي. اوچتو، سگريٽ جي پاڙ. ٻرندڙ تيليءَ جو شعلو. ڪش مٿان ڪش. ڦهلجندڙ دونهون.

زندگيءَ جو هي سفر به ڪيڏو ٻوائتو آهي!

“Your mother died reach immediate”

Soorih Mirani

ڏڪندڙ هٿن ۾ تار. پوري زور سان ڌڙڪندڙ دل. سمجهه ۾ ڪجهه نه ايندڙ. ڏڪندڙ هٿ، ڦاڙيندڙ پنو، لڪندڙ درخواست موڪل جي.

'ماءُ مرئي، اجان ته ماءُ جيڏري ٿئي. ٻڪو وچي پرديس ۾ ـــ' ٻاڪر، چميون، دعائون. گهنجيل منهن جي سسيل اکين ۾ ڳوڙها. ڳوڙها ٽمندڙ، ڏکهي نڪ جي چوٽي ڳاڙهي ٿيل. سنهڙا چپ دعائون ورجائيندڙ.

'عاشي. ائي امان! ٻايڙي لاءِ ٻاڏي ڪوسو ڪونه ڪندينءَ. ته هٿ-منهن ڌوئي.' اکر، اکر مان پاڻوهه ٽمندڙ.

'ها امان، اجهو ٿي ڪيان.'

ويندڙ عاشي رڌڻي ڏانهن. ڏکهي چوٽيءَ جو گل هولهه تي، هاڻ سان ٺيمگ ڏيندڙ.

"بس ابا، شل ڏٺي وڏي ڄمار ڏيئي،" اونهو ساهه، ساهه ۾ ڳتيل پيڙا جو پڙلاءُ، 'مرحيات پٺهين جي وڃڻ کان پوءِ، جيڪو جيءُ ۾ ست هيم، جان هيم، سا اباءِ توهان جي لاءِ ـــ ٻچا، وسان ڪين گهٽايم. بس، هاڻي ته اچي پڪي آهيان. تون به هاڻ جوان آهين، پنهنجن پيرن تي بيٺل. عاشيت به اچي چڙهي آهي. الاءِ ڪيترو جيئان. هاڻي ته هيءَ جهوري اٿم ته تنهنجو گهر وسائي ۽ نياڻيءَ جو بار لاهي پوءِ وڃي قبر..."

زالن جي روئڻ جو آواز.

اڱڻ جي وچ ۾، کٽ تي پيل، اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهيل.

'ادا — امان — هاءِ —' عاشي جي اوڇنگار.

'ابا، ماڻهين ڪي آخري پيرو.'

'بس، پڇا رب جي رضا هئي، بندو ڇا ٿو—'

رت - ٻنا، اڇو ڪاڳر جهڙو منهن. اکيون پوريل.'

'هاءِ امان. منهنجي جيجل—' عاشيءَ جي اوڇنگارن جو لڳاتار سلسلو.

خاموش، ٻت ٻٽيل، هڪ هنڌ بيٺل.

ڳوٺ جو گهر: ڪچو اڱڻ - ورانڊو - ٻه ڪوٺيون - پينگهو - ڪوٺيءَ ۾ کٽ تي هنڌن جو ڍير - هلڪي اونداهه - ليپي ڏنل مٽيءَ جو سڳنڌ - عاشيءَ سان راند: اک ٻوٽ - گڏين - ڇيڪلي - آڳ ٻڇائڻ - لڪ - لڪوٽيءَ.

سرءَ جي منڊ. ٻپهريءَ جا ورندڙ پاڇا. موٽيل اسڪول مان، ماني کائڻ کان پوءِ

'عاشي اڄ ته راند ڪيون.'

'ڪهڙي؟' ڳنڀي ۾ ڇکهه

'تون ٻڌاءِ.'

وٺ ڀائي تون ٻڌاءِ.'

'مان ٻڌايانءِ؟' گهڙي سوچ ڪان پوءِ ٽڪڙي آواز ۾ 'پينگهي ۾ گاڏيءَ گاڏيءَ.'

'چڱو.'

'مان ڊليور ٿو ٿيان ۽ تون گاڏيءَ ۾ چڙهجانءِ.

ها نه'

'چڱو'

'ها—'

'زم سان لڏندڙ پينگهو.

'چڻ - چڻ - چڻ - چڻ - چڻ - چڻ — ڪو——— ڪوڪو!'

'پاسو ڪيو ڀائو، پاسو ڪيو. گاڏي اچي وئي. ڪو— ڪوڪو!' زم سان لڏندڙ پينگهو بيٺل.

'اچو، اچو، جلدي وهو. نه ته گاڏي هلي ويندو. وڏي واڪي.

عاشي: مٿي تي پوتي، برقعو ٽيل. بغل ۾ ڪپڙي جي گڏي، هٿ ۾ ڪپڙن جي هڙ. وهندڙ پينگهي ۾—

'مائي ڪٿي ورتي ٿئي؟'

'نه ڀائي.' عاشي بغل ۾ گڏيءَ کي لوڏيندي، پرچائيندي.

'مائي ڀرين ٽڪس وٺ پوءِ گاڏيءَ ۾ چڙهه.'

'ڇڱو ڳاڏيءَ وارا، ڳوٺ جي ٽڪس ڏي. هڪ منهنجي، هڪ منهنجي هن ڪڪيءَ جي.'

ڪُو- ڪُوڪُو— ڇُڪ-ڇُڪ-ڇُڪ ڇُڪ-ڇُڪ-ڇُڪ زم ساڻ هلندڙ پينگهو.

'مٺا، پينگهي جي ٽڪيان ڇو اڇي پيو آهين. لهه ته ٽنگ نه پڇائي.'

'امان— راند ٽا ڪيون.' ايلاز

'نه نه، پينگهو پڇي پوندو. پٺيان جيترو وڌو آهي جو ٿهرائي ڏيندو.'

لٿل، هارايل منهن.

'اڙي شيطان ڪن ڪولي ٻڌ: هينئر گهڙي ڪن لاءِ ليٽان ٿي، جيڪڏهن گوڙ ڪيو اٿئي ته ٻاڻهي خبرون پوندئي.'

ٿس پٺس ۾ عاشي چوندڙ: 'ادا شبو، هاڻي ڇا ڪيون؟'

ڇپن تي آڱر: 'شش.' سرڀات ۾: امان کي سمهڻ ڏي.

'عاشي ڪهڙي راند ڪيون؟'

'اڪ- ٻوٽ.'

'نه ٻائي گوڙ ٿيندو.'

'ڀلا گهر- گهر رهون. تون ٿي ٻابا ۽ مان امان. هيءَ گڏي امان جي ڌيءَ.'

'ڇگو. پنھنجو گھر ھن ڪوٺيءَ ۾ ٿا ڪيون.'

بند ڪوٺي، منگھہ مان ڇٽي ايندڙ روشني. عاشي ڪوڙ - پچاٽيءَ ۾ پوڙ رڙيندڙ. لائي، پگڙن ۽ بوڙيندڙن جو ڪاڌو ڪاٺڻ ڪان پوءِ، عاشي ڪوڙي اوباسي ڏئي چوندڙ: 'ائي الا! رات ٿي وئي آھي. اچون ٿہ سمھون.'

آمھون سامھون سٿل، ڪوڙ ۾ اڪيون پوٺيل.

ڪوٺيءَ جي ٿڌاڻ ۾ ڪجھ، ڪجھ محسوس ٿيندڙ. اڻ - چاتل، مرندڙ اڳتي عاشي ڏانھن، 'عاشي، ٿورو اورتي سر.' پاسيرا ۾ جسم مليل. ڇمي، ڀاڪي. عاشيءَ جي ٻبڙيءَ کي ڇھندڙي. زور سان ڀاڪي.

'ھاءِ الا! شبو ڪيڏو مزو ٿو اچي.'

ھلڪو ڏڪندڙ آواز، شبو— مون کي ٿہ سيءُ ٿو ٿئي. ٿورو اورتي سـُر.'

اوچتو، لپاٽ— حواس وڃايل. 'مٺا بد افعال، اھو افعال سکيو آھين. پيڻ سان!'

لپاٽ مٿان لپاٽ. چنبڙن ۾ ھٿ، چڪي مٿي پيھاريل. عاشيءَ کي لت. 'اٽ چوري، ڪار مُنھن، بيحيا.'

عاشيءَ جو ھيسيل، ڏنل، رت - ٻنا منھن.

'ھل ٿي ٻاھر.' تکو، کھرو آواز. ڳاڙھيون اکيون. وري جي ھن لوفر سان ڪيڏي آھين ته ڇڏا چيري لوڻ ڀرڪمندي سانءِ. ڪُتي ڪنھن جاءِ جي.'

ڪنڌ ۾ پيڙ، ڪنڌ هيٺ، پشيماني ۽ مبهم پر گهري ڏوهه جو احساس.

منهن ۾ گهروڙيل ٻڄو: 'تڪ ٿي بي غيرت. ڇهندي موت نٿي آيئي.'

سگريٽ جي ٻاڙ. وڌندڙ اونده ۾، ٻرندڙ تيليءَ جو شعلو. وساميل تيلي. د ڪندڙ سگريٽ جو ڳاڙهو ٽانڊو.

ياد اٿم: اها شام ۽ اها رات، ڪيل مهل تائين پيڙا جي ڇولين ۾ گناهه ۽ پڇتاءَ جي گهري احساس هيٺ چيچاڙ ۽ لوءِ - پوءِ. پڙڪ سان پڪو پهه ڪيو هيم ته: هاڻ ڪڏهن به عاشيءَ سان نه، ڪيڏندس. نيٺ هوءَ ڇوڪري آهي مان ڇوڪرو.

ان ڏينهن کان پوءِ عاشيءَ سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو هوم. ساڻس نظرون ملائيندي شرم ٿيئي آيو. ڪانئس پري پري ۽ ڇڄو ڇڄو رهڻ لڳس. امان سان ڳالهائيندي اچ ٿيندي هئي. عجيب ڏوهه جو احساس کائيندو هو.

۽ ان کان پوءِ هڪ ڀيري — اوڏيءَ مهل امان اندر ستي پئي هئي. مان اسڪول مان موٽيو هوس. ورانڊي ۾ عاشي، اڪيلي گڏين راند ڪيڏي رهي هئي. کچيءَ سان ڪتابن جي ڪوٿري لاهي کٽ تي ڦٽي ڪيم. مانيءَ لاءِ چلهه، ڏانهن وڌڻ لڳس. عاشي اٿي، اڳيان وڌي پئي.

منهن ۾ ڏسندي: 'ڀاڻو شبن، تون رسي ويو آهين؟'
ڪوبہ جواب نہ ڏنم.

'هان ادا، ڀلاءِ نہ تون سچي پچي رسي ويو آهين؟
هان؟'

'عاشي، هاڻي اسين هڪ ٻئي سان نہ کيڏنداسين.'
'ڇو ڀلا، ادا.'

'ان ڪري جو، مان ڇوڪرو ۽ تون ڇوڪري
آهين نہ. ان جي ڪري.'

ان ڏينهن وارو، امان جو منهن ڪڏهن وساري
نٿو سگهان: تپي ڳاڙهو ٿيل ٽانڊاڻا اکيون، تن مان
نفرت جو ڇيون. اها نفرت ڪڏهن وساري نٿو سگهان.
۽ اهو خال، جيڪو عاشيءَ مان راند کيڏڻ ڇڏي ڏيڻ
کان پوءِ ڪنڪ لڳو هو.

ست ٿيا ٿين. اڳي پوءِ مانڻي بہ گائي اچان ۽ سگريٽ
بہ وٺي اچان. ٿيانيان ٿو، سڄي رات جاڳڻو، پوندو،
جهڙو سوچ رخ اختيار ڪيو آهي.

لاڳاتار راتين جي هيءَ جاڳ— هون، علاج ٿيڻ
گهرجي. ٽرنڪولائيزر بهتر آهي. پر، اوچتو، جيڪڏهن
خود— ڪشيءَ جو خيال—

بڪواس آهي. هڪ تہ اهڙي جرئت ڪانہ، اتم،
پيو تہ، کيڏي بہ ڪڙي زندگي آهي، ان کي ڇهنيل

رهڻ ۾ مزو اچي ٿو. هيءَ حقيقت مڃڻ گهرجي. وقتي خودڪشيءَ جا ايندڙ خيال، رڳو جذباتي اظهار آهن. ها، ذهني عياشي. هيءَ به هڪ قسم جو رومانس آهي. ذهني داد — عشرت. هُن —

مانيءَ جي خيال سان، پٺاڻ جي جهوپڙا هوٽل جي ٿڌي دال، اڳري ڏپ واري پوڙ ۽ سڪل مانيءَ جو دل ڪچي ڪندڙ تصور.

گرم ماني ڏيکيءَ تي. ڏيسي چيڻيءَ جي پياليءَ ۾ گوشت جو پوڙ: دونهون نڪرندڙ. وڻندڙ لذيذ گره.

'عاشي پوڙ ته واهه جو رڌو اٿئي.'

'ادا، گرم مسالا وڌا اٿانس ڏ.'

عاشي ويٺل ٽاڪيءَ تي، چلهه جي ڀرسان. ٻرندڙ ٻاهه جون چڻڀون. آلين ڪاٺين جا ٽڪرا. تڏي تي عاشي اٿلائيندڙ ماني.

مٿل بک جو احساس. رڳو سگريٽ وٺي ٿو اچان. اوچتو: سگريٽ وٺي، واپس اچڻ، کٽ تي ليٽي ڪتاب پڙهڻ، سمهڻ، ڇت ۾ گهوري، پاسا ورائي، ننڊ جي ڪوشش ڪرڻ جا تصور ذهني الٽي ڏياريندڙ. ان سان گڏ، گهر ۾ اڪيلي هجڻ، اڪيلائپ ۽ سانت جا احساس ڏنگيندڙ.

اونداهون ڦليليءَ وارو روپ —

ڦليليءَ جو ڪپ: چٻر، گام، ۽ ٻوڙن سان ڍڪيل، پاسي کان اچيءَ موريءَ ڏانهن ويندڙ، اونداهون رستو، وٽندڙ تڏ. پري کان شهر جون روشنيون. روڊ جي ٿنڀن تي ڏونڊانيل، روشنيءَ جو ڀرم پيدا ڪندڙ ميونسپلٽيءَ جا بلب. ڪپ جي مٿانهين زمين تي اڏيل جهوپڙيون. تن ۾ جهڪي، پرسرار لڳندڙ لالٽين جي روشني. ڦليليءَ جي ساڄي ڪپ تي روڊ سان لڳ ڦهلجي آيل قبرستان.

هن سانت ۽ اونده ۾ ڪيڏي نه مانوسيت واري پنهنجائپ ٿي لڳي! دل ٿي چوي، زندگيءَ جو سمورو سفر ائين ئي گذري وڃي. زندگيءَ جو سفر، اڪيلوئي اڪيلو، ڪيڏو اڻانگو. خاموش.

ڳالهايو اٿم ته پنهنجو پاڻ سان.

شام. لهندڙ سج جا پاڇولا پٽين تان گم ٿي ويل، در جي چائنٺ اڪرندي، سامهون در ڪولي بيٺل عاشيءَ جي پنبڻين جي جهالرن اندر، چمڪندڙ ۽ اوسيڙي ۾ ٻريل اکين سان، اکين جو ٽڪراءُ.

بوٽ لاهڻ سان تيز ۽ تکي، نڪ ۾ گهڙي ويندڙ ڌپ. ذهن ۾ ٽڪ ٻڌل، عاشيءَ جون اوسيڙي ۾ ٻريل ۽ ڪجهه چوندڙ، پر چئي نه سگهندڙ اکيون.

ماڻي ڪاٽيندي:

'ادا.'

'هون.'

’توکان ھڪ ڳالھہ پڇان؟‘ جھڪندڙ آواز.

’ڪھڙي؟‘ ڪوڪلي اندر جو آواز.

’تون،‘ ھيڪ، ’توھان سدائين چپ ڇو رھندا آھيو؟‘

’جي!‘ ٽيڙ، سنڀاليندي، ’بس— آھين.‘

’ادا، ڪا تہ ڳالھہ آھي. جڏھن اوھان ڳوٺ ۾ رھندا ھو، تڏھن بہ ڏاڍو کِلندا ڪُڏندا ۽ ڳالھائيندا رھندا ھو.‘

بيزاري. نہ وڻندڙ اھو ذڪر.

’ادا، امان جي وفات کان پوءِ، جڏھن کان مان اوھان سان ھت، حيدرآباد ۾ آئي آھيان، سچ پچ ھيءَ گھر مون کي کائڻ ايندو آھي. ھنيانءَ ٻوساٽبو آھي.‘ گھڙي ماٺ کان پوءِ، ’ڪا آھي ڪا وسنھ ۽ نہ ٿي وري ڪو...‘ ھيڪ سان: ’ادا، امان بہ ويچاري آسون پالي وئي آرامي ٿي. اوھان جيڪر شادي ڪري ڇڏيو...‘

عاشي: ڪنڌ جھڪيل، آڳر کي وڙھيندڙ رئو.

’ھا ادا ھائي تہ اوھان بہ دير سان ٿا اچو، مو مون کي ڊپ...‘

’نہ، عاشي، ڊپڻ جي ڪھڙي ڳالھہ آھي، شھر آھي، ڪو جھنگ ٿوروئي آھي.‘

چپ.

ياد اٿم: سڄي رات ننڊ کانہ آئي ھئي. اھو ٿم مان بہ نٿو چاٽان چپ ڇو ٿو رھان.

ويچاري عاشي— منهنجي شاديءَ جا خواب ڏسي ڏسي، پاڻ... ڪٿي منهنجي شاديءَ جي ذڪر ٻڌڻ، هوءَ پنهنجي لاءِ احساس ته نه ڏياري رهي—؟ ممڪن آهي. انهيءَ ذڪر کان پوءِ هڪ مهيني ۾ ئي هوءَ ٻڌي...

نه— مون کي اهو چوڻ جو حق نٿو پهچي. ته، جوان: هوءَ ٻڌي وئي. هوءَ منهنجي ٻانهي نه هئي. مون وٽ پالتو جانور وانگر پاليل يا ٻڌل ڪانه هئي، جو مان هن جي، وڃڻ کي— ٻين لفظن ۾ خودمختياريءَ سان پنهنجي وات اختيار ڪرڻ کي جوان ته ٻڌي وئي. هوءَ آزاد ۽ خودمختيار هئي. (هئڻ گهرجي) هن کي پنهنجي زندگيءَ بابت فيصلي ڪرڻ ۽ وات جي چونڊ ڪرڻ جو مڪمل اختيار هو. (هئڻ گهرجي).

ها، البت جيڪڏهن مون کي پنهنجي فيصلي کان واقف ڪري هان ته...

ممڪن آهي هن ائين ضروري سمجهڻ مناسب نه سمجهيو هجي، انهيءَ ڪري— يا، هيءَ به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته، منهنجي خاموش، ائبنارمل لڳندڙ ورتاءَ ۽ سندس ۽ منهنجي وچ ۾ روايتي گهري ناتي ۾ منهنجي ڏارئيپ واري انداز ڪري، هن کي ٻڌائڻ ڏکيو لڳندو هجي ۽ هوءَ اخلاقي جرائت جي گهٽتائيءَ ڪري، دل جهلي نه—

بهرحال، مون کي پرامید رهڻ گهرجي. سندس لاءِ دل

جي سچائي مان ٿيڪ خواهشون رکندڙ مخلص دل جي
اهائي تمنا ٿي سگهي ٿي ته، هوءَ جتي به هجي خوش
هجي. ۽ جنهن اندازي موجب مان سوچيان ٿو ته، هوءَ
مامهون رهندڙ ماستر سان ٿي... جيڪو اوچتو راتورات
گم ٿي ويو، سڄي سياءُ جو لڳندو هو — ڇڏ انهيءَ
ذڪر کي، جو ڪجھ ٿيو — هُون پاڙي ۾ ۽ آفيس
۾ جيڪو ڪجھ چيو ويو ٿو، ها، انهيءَ جي مون
کي پرواھ نه ڪرڻ گهرجي ڇوته هن ڪري جو،
اها پڻ - پڻ آهستي آهستي روزمره جي انيڪ واقعين ۾
پاڻمرادو ڍڪجي ويندي. جڏهن انهيءَ ۾ نواڻ نه رهندي،
تڏهن ڪوبه چڙو، مون سان لاڳاپو رکندڙ انهن ڳالهين
۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏيندو. اها انهن جي ضرورت آهي
ته، هھڙي قسم جي واقعن ۾ پونديءَ وارو پهلو ڳولي،
انهيءَ کي چٽيندا رهن. پر منهنجي لاءِ اهم ڳالھ هيءَ
آهي ته، مان چپ رهان. البت هيءَ چٽيءَ ريت سمجهان
ٿو ته، ڏيکاءَ واري همدردي اها منافقت آهي، جنهن
کي مان ڪڏهن معاف ڪري نٿو سگهان. جڏهن ته
اهو ڀليءَ ڀت سمجهان ٿو ته، ڏيکاءَ واري همدردي
ڪندڙ اهي انسان، پرپٺ پنهنجين راءِ زنين ۾ ڪهڙيءَ
ريت مون بابت ڪرڻ مڃيندا هوندا. خير، منهنجو ڇا،
بس، منهنجي لاءِ اهم آهي ته، عاشي ۾ — ڏس، شبير:
تون سوچ جي ٻڙي تان لهي رهيو آهين — مان به
ڪيڏو نه عجيب ڏينهون ڏينهن وڌيڪ

ٿد وڌي رهي آهي. حيدرآباد جي رات جي گهميل ٿڌ ۾ عجيب قسم جو ڳهر آهي، جيڪو لڳ لڳ ۾ نشو ڀريو چڙهي.

آفيس: ميز، فائيلن سان ستيل. ڪرسي، لڳندڙ وجود جو اڇچندڙ جز ٻٽيل.

منافق.

— شبير صاحب، هو... ٻڌومين ته، خبر ناهي سچ يا آهي يا... اوهان جي سسٽر...

— ها.

— پوءِ، ڪا خبر پئي؟

— نه. پر منهنجو اندازو آهي ته اسان جي گهر جي سامهون هڪ ماستر رهندو هو، انهيءَ سان...

— پوءِ، اوهان ڪا جاچ يا ڪوشش...

— نه. مان ڇا ٿو ڪري سگهان.

جڏهن ته هن، پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش موجب ڪنهن ٻه صاحب سان پنهنجي زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪيو).

— نه، ته ٻه هوءَ...

— چپ.

(ظاهر آهي ته، اهڙو فيصلو ڪرڻ کان اڳ، هن پنهنجي مستقبل جي باري ۾ چڱيءَ ريت سوچيو هوندو

۽ هيءَ بہ ظاهر آهي تہ، هوءَ پنهنجو پاڻ لاءِ، نقصان جو ڏهن بہ سوچي نٿي سگهي. جو ڪوبہ انسان پنهنجو پاڻ کي ڇيهو رسائڻ نہ چاهيندو.)

— نيٺ ادا، تنهنجي پٽڻ هئي، تون هن کان وڏو ۽ مرد ماڻهو...

— چپ.

(ڪائنس وڏي هجڻ ڪري يا مرد ماڻهو هجڻ ڪري، مون کي سندس مستقبل جي فيصلي ڪرڻ جو ڪوبہ آخري حق تہ پهچي نٿو سگهي.)

هارڊ - بورڊ جي پارٽيشن مان هيڊڪلارڪ جو ڏار ڪبل ڪمرو. ڪمري مان اينڊرڙ پڙ - پڙ - نما مربات ۾ آواز:

— ڪرڪ آهي.

— نہ يار، بي غيرت آهي. (فيصلو)

— پلا غريب ماڻهو. نہ اڳ نہ پٺ. ڪجهي تو خواري. تنهن کان مٽي بہ مات، مٽي ۾ مات.

— هونئن بہ هڪ ڇتون ڇوريءَ لاءِ تماڪ ٽو ڇو ڪري.

— ها، ڪني اگر وڏي پلي آهي.

— اهڙين پاڇوڪڙ رنن کي تہ گهنو ڏئي اندرئي اندر پوري ڇڏجي.

بزدل، منافق. تنگ نظر، ڪريل. دراصل اها چوڻي درست آهي تہ، ڏوهہ وارو احساس رکندڙ، فيصلي واري انداز ۾ فتوي جو سهارو محض پنهنجي ڏوهہ واري احساس کي گهٽ ڪرڻ لاءِ وٺندا آهن. اهوئي سبب آهي جو هو، فتوي ڏيڻ ۾ ڪابہ دير نہ ڪندا آهن.

خير، جيتوڻيڪ آفيس ۾ هن قسم جي سرڳوشين ڪنهن حد تائين ذهني ڪوفت ڏني آهي، پر اهو سڀ ڪجهہ وقتي آهي. سمجهان ٿي، اهي سرگوشيون ۽ راءِ زنيون ختم ٿي وينديون. پر جڏهن انهن سڀني ڳالهين تي منهنجو وس نٿو هلي ۽ نہ ئي هلي سگهندو، تہ پوءِ مان سوچي سوچي اجايو پاڻ کي پريشان ڪري رهيو آهيان.

اوچتو: پيپلائي.

اهو بہ ٿي سگهي ٿو.

ڪٿي مان پنهنجو پاڻ کي زوريءَ لاتعلق رکڻ جي ڪوشش ۾، هڙتي قسم جي دليل بازي ڪري ٿڪجي تہ نہ رهيو آهيان! پنهنجي ڪمزوريءَ ۽ وس نہ پهچڻ سبب، سوچ جو هيءُ انداز...

پاڻ- ٿڪڻ. هِنَہ —

ذهن خالي. پنوائي.

ڪا مهل اٿين.

جيڪڏهن ائين آهي ته، ته پوءِ مان سمجهان ٿو ته، جيڪڏهن، مون کي زنده رهڻو آهي، ۽ هنن حالتن ۾، جتي منهنجو وس نٿو هلي، ته پوءِ: پاڻ ـ ڳجهو ضروري آهي. هڪ ضرورت، جا بهرحال زنده رهڻ ۾ هٿي ڏئي ٿي. هڪ بي وس، لاچار انسان...

پوليس ۾ رپوٽ؟

ريلوي اسٽيشن جو ويٽنگ روم. رات جا ٻارنهن. انتظار ڪندڙ، اڪيلو ويٺل، ويٽنگ روم ۾. اوچتو: پنج پوليس وارا هڪ عورت، لڳندڙ مسافر، کي اندر وٺي آيل. بي وسي ٿيندڙ منهن منجهان.

— 'مسٽر ڪمرو خالي ڪر. انڪواري ڪرڻي آهي.'

چپ چاپ ٻاهر نڪري آيل.

ڪمري جو در بند.

عورت جون دانهون، ڪوڪون.

دانهون ڪوڪون مائيون ٿيل.

ڪجهه دير کان پوءِ، پوليس وارا نڪرندڙ ڪمري مان، حليا ڦريل،ورديون مروڙيل.

ڪاندارجندڙ وار. ڪتا. قانوني رهزن. ڏوهاري: جن جي جسم تي تحفظ لاءِ قانوني جبو اوڙهيل آهي. رت جي واوڙ ۾ تيزي: ڪائنن نفرت، انتهائي نفرت

جي اظهار لاءِ لفظ نه ملندڙ، جوش جو غلبو سڄي وجود تي، پهچو—

رستي جي ڪپ سان ويٺل ڇٽن وارو. پوليس واري جي چمڪندڙ ڪاري بوٽ جي لت ڏالهه تي. ڇٽا پڪڙيل. پوءِ هڪ ڀرپور لپاٽ، ڇٽن واري جي ڳل تي—

نفرت سان گڏ بغاوت.

هيءَ اهي ڪميڻا ڏوهاري آهن، جن جي هر ڏوهه کي قانون جو تحفظ مليل آهي.

وڏيري جي اوطاق، گجندڙ ٽلهو صوبيدار. هيسيل ڊنل، ڦتوءَ جي پيءُ.

’ڪيري ٻڌاءِ ته ڦتوءَ سان گڏ پيا ڪير ها؟‘

’سائين ڏٺي ٽو چاڙهي مون کي...‘

’چپ ڪر لونڊي. پيا تنهنجا جهڙ ... ها جو نٿي ٻڌائين.‘ ڇڏن ۾ لت.

’رئيس، هيءَ ائين ڪانه مڃيندي. اڙي او—‘

ڦتوءَ جي پيءُ جي ڪانئر ۾ پونگرو. دانهون ريهون ڪندڙ، ٽهڪا ڏيندڙ، ٻاڏائيندڙ، ايلاز ڪندڙ...

ٿاڻي جي ڪوٺي. اگهاڙي پيل عاشي، دانهون، ڪيڪون ڪندڙ، ڪنجهندڙ، ڪڙڪندڙ. وردين جو ڍڳ. اگهاڙا بيٺل پوليس وارا—

نس نس ۾ نفرت، ڪاوڙجي باهه ڏنڀ ڏيندڙ.

ڇڙڪ خواب مان سجاڳ ٿيل. موڳو، هيڻو وجود. ٻانهن ٽنگن لاءِ ٿي سهي، پر اميد رهڻ کان سواءِ ڇا ٿو ڪ ڪيڏو لاچار، بي وس. زندگيءَ جي رڳ ۾ پڙڪندڙ روح، جو آهي، هستي رکي ٿو. پوءِ به ناهي جو تيج آهي، هيڻو آهي.

گهري، ڪُٽيل، روح جي پاتال تائين عجيب قسم جو درد ڏيندڙ پيڙا.

ڏکو، اونهون ساهه، لڳندڙ پيڙا جو پڙاڏو.

ڪش مٿان ڪش.

قبرستان: پرندڙ ڏيئو هڪ قبر تي.

قبرستان جي هيءَ ماڻت! سنسان ماحول واقعي ڊپائتو لڳندڙ آهي. پر پوءِ به عجيب قسم جو انس—

هن دور ۾، جڏهن جيئرن انسانن جي رهڻ جو مسئلو ايڏو شديد ٿي ويو آهي، تڏهن مئلن کي غيرضروري طور هيڏي ساري زمين ڏيڻ ڇا بي وقوفي ۽ جهالت نه آهي! هن جاءِ تي چئن- پنجن منزلن واريون ٻه- ٽي بلڊنگون خوشيءَ سان اڏجي سگهجن ٿيون. جن ۾

ڪيترن ئي جيئرن انسانن کي سولائيءَ سان رهائي سگهجي ٿو. ممڪن آهي، اڳتي هلي ضرورت مجبور ڪري ته پوءِ—

ٻرندڙ ڏيئي واري قبر شايد نئين آهي.

موت اٽل آهي.

گهر: اجڙيل ويران. لڳندڙ کنڊر. ماضيءَ جو هڪ يادگار. ماضيءَ ۾ ڪا زندگي هئي، احساس ۽ جذبا ها. چرپر ۽ حياتيءَ جا آثار ها.

ذهني ٿيڙ—؟

عاشيءَ...؟ ها، اها زندگي عاشي هئي، جنهن جي وجود جي موجودگيءَ ڀرپور زندگيءَ جو اظهار هو. هن جي وڃڻ ڪري پيدا ٿيل ويرانيءَ جو احساس، انهيءَ احساس ۾ اڪيلائي، اڌاڪائي گڏيل! هتي اچڻ کان اڳ، جڏهن هوءَ نه هئي، اڪيلو هوس تڏهن اڪيلائيءَ جو احساس نه هو. پنهنجي وجود جي موجودگيءَ جو احساس نه هو. ڪتاب ها، هڪ روٽين لائيف جو، ڪوهه سان پاڻي ڪڍندڙ ٻند اکين واري ڏاند وانگر بي‌منزل ڦيرو هو. ڪڏهن نه، ڪٽيندڙ. هن جي اچڻ، اچي، وڃڻ، ڪجهه جا ڳايو، جو اڳ جاڳيل نه هو. يا ٻنهي ڪجهه هوئي نه، هن پيدا ڪيو. لڳي ٿو هن جي اچڻ کان اڳ، پيدا ٿيل نه هئس. هن جي وجود زندگي ڏني. هن جي اچڻ، هلي وڃڻ زندگيءَ جي هجڻ جو احساس.

زندگيءَ جو احساس ڪيڏو نه ڀيڙا ڀريو، اذيتناڪ آهي. ڇا سڀ انسان ائين آهن؟ پوءِ به زندگيءَ مان پيار! شايد... خير، سچ ڇيو آهي: زنده رهڻ جي خواهش، ڪيڏي ڪمزوري آهي!

قبر تي پرندڙ ڏيئي جي ٽم - ٽم
پر موت اٽل آهي.

اوچتو: موت جو ڊپ، سڄي وجود کي وڪوڙي ويندڙ

جڏهن موت اٽل آهي، پوءِ ڊپ...

ڪمرو: در ۾ اندران ڪڙو چڙهيل. کٽ تي بي جان جسم پيل: منهن سڌو، هڪ ٻانهن کٽ جي ٻانهينءَ کان هيٺ لڙڪندڙ. وات ڦاٽل. اکيون کليل اتي، ائين ڪي ڏينهن گذري ويل.

ڊپ. ڪيليون ٽنگيندڙ. مکين جا ميڙ. ڪينئان رڙهندڙ. ننڍا وڏا ڪينئان؛ وچڙيل، چرندڙ لاش تي. جسم جو گهڻو حصو کاڌل. ٽنگ، مختلف هنڌن تي ٽنيل، ڏڪيل، کاڌل، هڏا نظر ايندڙ.

ماڻهن جو گوڙ.
گهٽي - الڪو - ڊپ.

مان به عجيب آهيان. جڏهن مرڻ کان پوءِ مون کي ڪنهن به ڳالهه جو احساس نه رهندو ته پوءِ هيءَ بي وقوفيءَ وارو خيال ڇو! بي جان جسم جيئرن جي

حوالي، وڏين ترن ڪنڌ جي ڏير تي ڦٽو ڪن، وڏين تہ بهرحال، اهو مسئلو جيئرن جو رهندو مئن جو نہ.

موت جو خيال موٽندي، ذهن خالي، احساس سُتل، ڏاريو پنهنجو پاڻ کان، ڏاريو، پوري ماحول کان، جنهن ۾ هلندڙ.

پاسو ورايل، وڏيل اونڌهہ. اونڌهہ جو ڏنيندڙ احساس. ٻرندڙ بلب. چو ڦير لڳندڙ سنسان، جهڙڪ قبرستان ۾. بلب، ٻرندڙ ڏئو.

قبر جي مٿان ڏئو ٻري رهيو آهي.

سڌو سنئون ليٽيل ڪٽ تي، لڳندڙ مئل، پيل قبر ۾:

’بڪواس آهي.‘

اڪيلائيءَ جو احساس. ننڊ جي ڀرپور خواهش هوندي بہ، اکين ۾ ننڊ نالي ماتر بہ نہ!

ڪتاب پڙهان. اڇتو خيال.

HOMER —— ODYSSEY.

ڪتاب جو خيال اچي غائب ٿي ويل. نظرون ڇت ۾ کتل. ڇت تي پوندڙ پيلي پيلي روشني پراسرار لڳندڙ. هنڌ - هنڌ تان ڇتين جا ڇاپوڙا لٿل، رنگ ڦٽل. عجيب قسم جون شڪليون: اڏامندڙ گهوڙو. ڏکي نڪ واري

ڏاڍ. جبلن جي قطار. اڏامندڙ پکي. لهرون. بن مانس. هرڪيولس.

شڪليون ٺهندڙ. اوچتو هڪ نئين شڪل: اگهاڙي عورت. يڪ-ٽڪ. اپيا ٿيل گوڏا.

عاشي اگهاڙي، اگهاڙي ماڻهوءَ سان. بي وس، پگهريل، ڪارائيل منهن. اذيت جي احساس کي دٻائيندڙ. متان چڙهيل، اڏڙوٺ، بت ۾ پريل، اگهاڙو—

بدن ۾ تيز، گرم رت جي ڊوڙ. پگهر ۾ شل بي وس، ڪمزور ڪريل هڄڻ جو گهرو، گهرو احساس.

بي وسيءَ جي اونهي، گهري ڏکي ساهه کڻڻ ۾ اکيون ڇنڀڻ سان، پيت تي پوندڙ روشنيءَ ۾ عجيب شڪليون گم ٿيل. ڪٿان ڪٿان ڇاپوڙا لٿل. ڇاپوڙا لٿل هنڌن تي چتائي ڏسي، انهن شڪلين کي ڳولڻ جي ڪوشش.

ذهن خالي. اداسي ۽ پيڙا جو گهرو احساس. اداسيءَ ۽ ڏک جو اهو گهرو احساس، روح جي اونهائيءَ ۾، هيٺ، پاتال تائين رهڙ جي پهتل. ڪجهه ڦاٽل هينئن ۾، ٻاهر نڪرندڙ. ڪجهه منجهيل، هيٺ روح جي پاتال ۾، ٻاهر نڪرڻ چاهيندڙ.

بي وسي— ڇتو احساس، ماڇهه سان، انجو.

اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيل. هستي هڪ هنڌ، چميل بوٽي جيان. وهندڙ ڳوڙها.

اوچتو سڏڪا. چميل بوٽي ۾ سياڻي سان ڇرڀرو
سڏڪا...
سڏڪن مٿان سڏڪا. بوتو سڏڪا ڀريندڙ.
سڏڪا... ڪا مهل.

ٿميل سڏڪا، هڪ هنڌ چميل وجود. اکيون ڪٿي هڪ هنڌ.

اوچتو: ٻاڻ-سڄاڳيءَ جي احساس سان: روئڻ ۽ سڏڪن جو احساس. اهو احساس، ويساهه ۾ نه ايندڙ جهڙي سماڻ لڳندڙ. عجيب ڪل جهڙو. مرڪ چپن تي، جٽڪ پنهنجو ٻاڻ تي ٽٽول. مرڪ ڦهلجندڙ، پنهنجو ٻاڻ تي تعجب جي احساس سان! ٻوءِ ٺهڪ، ٺهڪ مٿان ٺهڪ. پنهنجو ٻاڻ تي.

ٺهڪ...

ٺهڪن سان، اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيل.

ڪيڏو عجيب!

ٿهيل ٿهڪ. هڪ هنڌ جهڙل وجود. اڪيون ڪتل
هڪ هنڌ.

اوڊيسيس رُئندڙ. سڏڪا ڀريندڙ.

هن رنو. انهيءَ رُئندڙ عورت وانگر، جيڪا پنهنجي
مئل مڙس جي لاش مٿان پاڻ ڦٽو ڪري وڏي واڪي
سڏڪا ڀري رهي هئي. جيڪو بهادريءَ سان وڙهندي،
پنهنجي شهر ۾، پنهنجن ماڻهن آڏو، گهر ۽ ٻارن جو
بچاءُ ڪندي ستو هو... ماڳهين رحم طلب حالت ۾
اوڊيسيس رنو.

پنهنجي روئڻ تي ايندڙ کل.
ڪيڏي حماقت! کلندڙ، ڦهليل چپ.
سمهان. ڪافي وقت ٿي ويو آهي.
ننڊ ڏالي ماتر ٻه اکين ۾ ٿيء

سگريٽ جي پاڙ. لڳڻ هن وقت تائين خواب ۾
جو سگريٽ جي طلب جو ذرو به احساس نه ٿيل.

ٻرندڙ تيليءَ جو شعلو. سگريٽ جو ڪش، ڪش
مٿان ڪش. هوندن ته ننڊ ڪانه ايندي. بهتر آهي ته
اوڊيسيءَ جا ڪجھ صفحا پڙهان، ته پوءِ من—

رڙهندڙ ڪارا اکر:...
رڙهندڙ اکر هڪ هنڌ بيٺل.

اوچتو: نيٺ مان جيئان ٿو؟ جيڪڏهن مان مري وڃان، يا نه جيان هان، ڪهڙو فرق پوي ها؟

هن کان اڳ جڏهن اڪيلو هوس، روٽين لائيف ۾ هڪ مشيني پرزي وانگر چرپر ۾ هوس، ته مون کي پنهنجي جيئري وجود جو احساس نه هو: آفيس - هوٽل - ماني - گهر - ڪتاب - ننڊ - ضروري حاجتن جو مشيني انداز ۾ پورائو. آفيس... امان جي موت ۽ هتي عاشيءَ جي موجودگيءَ، مون کي پنهنجي وجود جو احساس ڏنو ۽ عاشيءَ جي وڃڻ کان پوءِ، اڪيلائيءَ جو پنهنجي وجود جي ٻار ۽ وزن جو احساس! هن کان اڳ، ڪتابن جي معنيٰ منهنجي آڏو هن کان وڌيڪ ڪانه هئي ته: مان پڙهان ٿو، جو ٻالڪپڻي کان وٺي ڪتابن پڙهڻ جو چسڪو لڳل اٿم. هر ڪتاب جي اهميت، ان کي پڙهڻ جي وقت تائين هئي ۽ بس! ائين جيئن ڪاڳر جي گلاس ۾ پاڻي پي، ان کي ڦٽو ڪري ڇڏجي. ۽ هينئر اکرن جي هنن ڍيرن ۾ ڇٽڪ ڪجهه نظر اچيم ٿو. گهڻو ڪجهه، لڳيم ٿو هيءَ ڪارا ڪارا اکر مون کي ڇهنڊڙيون پائي رهيا آهن. عاشيءَ ۽ حادثي ۽ امان جي موت مون کي پنهنجي هستيءَ جو احساس

ڏنو، جڏهن تہ هيءَ اڪر ڪيلين وانگر منهنجي هستيءَ کي چڪ پائي رهيا آهن!

بڪواس آهي. سڀ ڪجهہ بڪواس. هيءَ ڇا سوچي رهيو آهيان: اجايو، بي مطلب. هنيئر سمهان. صبح جو آفيس— بتي وسايان.

اونده. اڪيون پوريل. ننڊ لاءِ هٿرادو جا ڪوڙ. پاسن جو ورائڻ. سڌو ستل. اڪين تي ٻانهن.

اوچتو: احساس، اڪيلائيءَ جو. سانت ۽ اونده ۾ پيل هستيءَ، بي چين وجود ۾ ڪجهہ کٽل هجڻ جو، جو هئڻ گهرجي.

خالي ويران گهر: عاشيءَ جي ڇڏيل خال جو احساس—

اونهارو، ٿڌي ٿڌي هير هلندڙ. چانڊوڪي رات. چوڌاري سانت. پاسو ورائڻ سان ٿڌو ٿڌو سڙو ڏيندڙ. پريان عاشي ستل. گول مٺون سانورو منهن، چانڊوڪيءَ ۾ وڌيڪ پرڪشش لڳندڙ. ٻوريل اڪيون، گهاٽين، ڊگهين، هلڪو وريل ڀنڀٽين ۾ وڌيڪ خوبصورت لڳندڙ. دل چوندڙ، ائين ئي چنڊ جي روشنيءَ ۾ عاشيءَ جو منهن ڏسندو رهان لاءِ. گهرو ڪتيل مزو ايندڙ ۽ ڇڪ.

ڀرپور خواهش: ڳٽي تي هٿ ڦيرائڻ جي. لسو،

نرم ڳٽو، پوءِ ٻنهي هٿن ۾ جهلي، چمي جي. چمي سان گڏ، نرم لسن ڳٽن تي نڪ گسائڻ جي—

اوچتو: عاشيءَ جو منهن ٻنهي هٿن ۾ جهليل. نرم نرم ڳٽا. اکيون، اکين ۾. ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها. عاشي سڏڪا ڀريندڙ. لڪايل منهن سيني ۾. ٻڌي ٿُپرڊندڙ.

مٽايل، قياس جوڳا، بي وس ۽ وجود.
ننڍڙي عاشي دانهن ڏيندڙ:
’امان، شبوءَ کي ڏسين ٿي.‘

’ڇورا نپٽيا، پيءُ کي مٽائيندي لڄ نٿي اچئي. ۽ منهنجي گڏي تون مون وٽ آءُ. ڇا تو ڪرڻي لوفر ڇورو.‘

’امان، ڳٽن تي چڪ ٿو پائي ۽ ڇهنڊڙيون ٿو هڻي.‘
نرم اڀريل، گول مٿول ڳٽا.

گهر ۾ آيل مهمان عورت جي ننڍڙي ڇوڪري اوچتو رانڀاٽ ڪري روئيندڙ.

’امان، او امان،‘ عاشي تيز تيز وڪن سان دانهن ڪٽي ويندڙ، ’ٻڌايانءِ ڪڪي ڇوٽي روئي— هو شبو آهي نـ، انهيءَ ڪيس ڳٽي ۾ چڪ هنيو آهي نـ، انهيءَ ڪري—‘

’اي ڇورا، باچاهه، پير جي ڪا مار پوندئي، تون ته ٻارن لاءِ جهڙو آهين ڪردجال.‘

خرد جال— ڇپن تي مرڪ ڦهليل.

ڪونئرا، نرم ڳٽا، لسا لسا، تڪي ڇهاءَ سان محسوس ٿيندڙ. ڇمي. پوءِ ڳٽن تي هلڪيون ٽڦڪيون هٿن جي ڀرپور مڏ.

ستل عاشي: منهن ڪان نظر هيٺ: سيني تي. ساهه کڻڻ ڪري سيني جو اڀار هيٺ مٿي ٿيندڙ. معصوم، سڀاجهڙو منهن.

عاشيءَ سان وهنجندڙ اڱڻ ۾. قميصون لٿل. پراڻي ڦاٽل اجرڪ جون گوڏون پيل. وٽس سان پاڻي مٿان نائڻ سان، آڱر جو ڇڻڪار ڪندڙ.

'عاشي ٿورو هيڏي اچ.'

پاڻيءَ جون ڦينگون اڏائيندي، ايندڙ.

ببڙيءَ تي آڱر ڪندي، 'عاشي، هيءُ ڪارو ڪارو ڇا اٿئي؟' ببڙيءَ کي ڇهندڙي.

'الا— مري ويس، امان—' عاشي دانهون ڪندڙ، پٽ سان پير سٽيندڙ.

'اڙي شبو، هچا ڪا پوئي، تون ڇوريءَ جي پٺيان هٿ ڌوئي اچي پيو آهين.'

پٽ سان پير سٽيندي سٽيندي عاشيءَ جي گوڏ ڇڙي، ڪري پيل.

نظرون ڪٽل عاشيءَ جي اوگهڙ تي.

## گناهه جي احساس جو پڙاڏو، پڙاڏا...

سمجهان ٿو، هيءَ احساس روائتي اخلاقي قدرن سبب ٿي هجي. پر هن تجسس جي حقيقت پنهنجي جاءِ تي ٿوس آهي.

عورت جي اوگهڙ، نظرن ۾ ڪتل.

ڇا عورتن کي به، مردن جي باري ۾ ڄاڻڻ جو ههڙو تجسس ٿيندو هوندو؟

نه چاهيندي به، عورت جي اوگهڙ نظرن ۾ پيل. ڪُتل.

زال—— شادي‌ءَ جي ڪيترا سال اڳ مرونيل، ڇپيائيل خواهش اجاگر ٿيندڙ.

هڪ مرد لاءِ زال جو هجڻ لازمي ضرورت؟

زال مڙس لاڳاپا: امان= بابا جي زال.

اڻ- وسهندڙ، عجيب عجيب لڳندڙ!

ڇپر پر ڪندڙ ٻه اگهاڙا وجود.

اڻ- وڻندڙ. ويساهه ۾ نه ايندڙ. ڪراهت.

ان ڏيک کي ڪيترن ڏينهن تائين ذهن مان ڪڍي نه سگهيو هوس. پنهنجن مهل:

جڏهن ٻاهر کيڏي کيڏي گهر آيس. عاشي وراندي ۾ گڏين راند ۾ رڌل هئي. مان اندر ڪوٺيءَ ۾ وڃڻ لڳس. عاشيءَ رڙ ڪئي! 'نه نه، اندر نه وڃ'. 'ڇو؟'

مون کي ڇڙ آئي هئي. ’نه نه، ڇورا نه. بابا جهليو آهي.‘ جهڪي آواز ۾، ٻه ٻه لفظن تي زور. مون کي هٿائين وڏيڪ تجسس. در کولڻ لاءِ زور. اندران ڪڙو چڙهيل. در جي ڳڙ ڪڙي مان اندر نظر: امان ۽ بابا اگهاڙا. عاشيءَ جو سس پس ۾ پريشان آواز، ’نه، ڏس ڇورا، نه ڏس. بابا لاڪ لاهي ڇڏيندءِ.‘

ڏيک ذهن ۾ ٽڪ ٻڌل. امان لڳندڙ مظلوم، بي عزت ٿيل. ساڻس همدردي، ايندڙ متس قياس ڳاڍڙ پيار. بابا لڳندڙ وحشي، ظالم، لڳندڙ ڏپ، هيبت، نفرت.

عاشيءَ کي ڏٺم. ٻئي هڪ ٻئي کي ڦڪا ڦڪا لڳي رهيا هئاسين. ڏوهاري!

ڪيترن ڏينهن تائين امان کي همدريءَ، قياس ۽ مبهم اڻ- واضح پيار، جنهن ۾ همدرديءَ ۽ قياس اتم هو، جي نظرن سان ڏسندو رهيوس. ۽ بابا کي نفرت ۽ حقارت جي نظرن سان!

هيءَ لاڳاپو منطقي؛ پوءِ به، غير منطقي لڳندڙ، فطري؛ پوءِ به غير فطري، ويساهه ۾ نه ايندڙ لڳندڙ. معقول نامعقول لڳندڙ! امان ۽ بابا... ممڪن آهي، هن ٿوس حقيقت کي وڏيڪ لڪائڻ، ڍڪڻ، پراسرار بنائڻ ڪري ٿي——

اوچتو: عاشي اگهاڙي. اگهاڙي ماڻهوءَ سان سٿل. وار ڪليل، چنبڙيل ڪليل پيشانيءَ تي. ٻگهر ۾ شل،

ڦٽڪندڙ، پاڻ ڇڏائيندڙ، مٿان چڙهيل اگهاڙي مرد
ڪان___

ٽائي جي ڪوٺي. اگهاڙي ٻيل عاشي، دانهون
ڪندڙ، ڪنجهندڙ، ڪٽڪندڙ. وردين جو ڍيڪ.

جسم ۾ تيزگرم رت جو ولوڙ. ذهن ۾ ٽڙڪاٽ:
ڪاوڙ، باهه جهڙون ڇپيون نڪرندڙ. چيانڙيون ڀڄيل،
ٽارونءَ مان ٽڙڪاٽ نڪرندڙ ... ذهن خالي.

ذهن خالي. رت جي ولوڙ ۾ ماٺائي. ڀڄرندڙ وجود
ٿڌو. اونهي شوڪاري سان، ڇپن تي مرڪ مڙهيندي:
اهو هڪ نيچرل پراسيس آهي. انهيءَ ۾ عورت پنهنجي
ٻئي حيثيت ۾ اوترونئي ساٿي ٿي، جيترو مرد ايڪٽو
حيثيت ۾. نه ڄاڻ ڇو منهنجي ذهن ۾، انهيءَ خيال
سان، اهو ڀيانڪ تصور ڇو ٿو اڀري! نه ٿيڻ گهرجي. اهو
ميّاوڙڪ آهي. بابا ماڻ سمهندي، امان به ايتروئي ماڻيو
هوندو، جيترو بابا. پوءِ منهنجي ذهن ۾ امان قياس ۽
همدرديءَ لائق ڇو، بابا ڏاڍو، ڀوائتو ڇو! مطلب ته
عاشي به اوتروئي ماڻيندي هوندي، جيترو مندس مرد
ماڻي، جنهن سان هوءَ رضا خوشيءَ سان وئي آهي.
البت هن عمل ۾ بنيادي سوال ”جبر“ ۽ ”رضا“ جو
آهي. ۽ ها: ...

بڪواس. هي ڪهڙي ويچار وهڪ ۾ لڙهي رهيو آهيان. عجيب بي وقوفي. ڏس، مسٽر شبير! توکي هينئر سمهڻ گهرجي. رات ڪافي گذري چڪي آهي. صبح جو توکي آفيس ۾ به ڪم ڪرڻو آهي. چڱا سمجهئين ها، شاباس، هاڻي ننڊ ڪر.

اکيون پوريل. ننڊ لاءِ هزاردو جا کوڙ: خيالن کان جان ڇڏائڻ، ڏيان مٽائڻ لاءِ، ڏگهو ساهه ... ٻيڪاره ٻاسي جي اٽل. آنگن جي ڳڻپ، هڪ ٻه ٽي چار پنج ڇهه ست اٺ نَوَ ڏهه يارهن... اسي ايڪاسي... هڪ سو هڪ هڪ سو ٻه... ٻيڪاره

هزار تائين ڳڻيان.

... نو سو اٺ نوسو نَوَ نوسو... بڪواس آهي. بلڪل بڪواس. انسان جو ننڊ تي وس هلڻ گهرجي. نيٺ ننڊ جون گوريون — هون، گهر ۾ هئڻ گهرجن. تمام ضروري آهي. ٻيو سوال آهي ته هينئر مان ڇا ڪيان؟ پسار؟ ورزش؟

ايندڙ پنهنجو پاڻ تي جڪ. هي دماغ به... ٻئي پاري پڙهان: ODYSSEY. ذهني اورت ڏياريندڙ. مٺو ڳورو ڳورو. سمهان ٿو. فيصلي واري لهجي ۾ وهاڻي کي ٻڪ. ٿڌو ٿڌو، نرم وهاڻو. سياڻو. اکيون بند. وهاڻو ٻڪ ۾ نرم نرم لڳندڙ. ننڊ اکين مان اوپري ٿي ويل. ٻي ڇيني. اوچتو هڪ اڻ-ڇاتل خواهش:

نرم ڪونئري جسم واري عورت، ٻاڪر ۾ هجڻ جي ٻڪيل، وچڙيل. ان سمهڻ ۾ اڻ-ڄاتل مزو ايندڙ. عورت جا لسا لسا مٿر. گڏ ستل عورت کي ڀرپور، چڪ، هڪ اندروني بي چين جوش واري سگهه. مان ٻاڪر وچڙيل، بي چين ڇنڪڻ ۾ ٻانمرادو اوتيل سگهه جو زور. بي چيني وڌندڙ، اندروني اٿل پٿل مان ايندڙ مزو...

ڳوٺ جي ڪڏ، ٻوڙن ۾ محمد ڏوٻيءَ جي گڏهه، جانو، يارو، ٻگو، گلو- جانوءَ جي گوڏ لٿل. گڏهه مان— ٻيا پنهنجي واري جي اوسيڙي ۾.

'اڄ شبو تون ٻه ’وتَ وٽ.‘ يارو.

'نه يار.'

'ڇو، ڏڇين ٿو.' ٻگو

'ڏڇندس ڇو.'

'ٻوءِ مڙسي ڪانه ٿي ڇاڙي؟' گلو جي ٽونڪر

'وڃ ڙي.'

'اڙي شبن، توکي خبر آهي ته هيءَ استاد گهر آهي، جوءِ سان سمهڻ کان اڳ هن تي آزمائش ضروري آهي. ڇا ٻُڌ ٻڇو.'

گڏيل ٽهڪ

'اڙي جانو يار جلدي ڪر امان کي ٻه وارو ڏي.'

جانو پگهر ۾ شل، گوڏ سنڀاليندڙ، ڳنڍ ڏيندڙ، يارو پنهنجو وارو وٺندڙ، گوڏ هيٺ پيل.

'يارو اِتَ هٽندي' سادگيءَ وچان.

'اسان جي هيرايل آ پٽ.' يارو مهڪندي

'شبو جي محمد ڏوٻيءَ کي ڀڏايو اٿئي ته پوءِ پٽ تنهنجو خير ڪونهي.' گلو

'نه— منهنجو چا وڃي.'

'ها، ياد رکجانءِ جي ڀڏايو اٿئيس ته هيءَ ڏاڙهي آ، پوءِ توسان ڪندامين.' جانو.

'هل ڙي ڀڙوا. جڏهن چوان ٿو ته نه ڀڏائيندس، پوءِ اها ٽڙ ٽڙ چاجي ٿو ڪرين.' ڪاوڙ.

'نه شبو. جانو ڀوڳ ٿو ڪري.' بگو سمجهائيندي، 'اڙي يار، تون ڏڇين ٿو. اسين ڪونه پيا ڪيون.' اک ڀڃندي، 'وَٽ وٺ يار— بابا ڀڏو، هن ڪان پوءِ شبوءَ کي وارو وٺرائيندامين.'

گڏهه— مرڪ چپن تي.

ماٺيل مزي جو احساس. ياد جي ڀڙاڏي ۾.

ويچاري، ٻي وس!

جتي ٻه، جنهن جو، جيترو وس پڄي ٿو، پاڻ کان ٻي وس تي، پنهنجو وس نهايت ڪميڻائپ سان هلائي ٿو ها—

گڏهه ـــــ عاشي - ڀاڻ - ويچارا.

هون. سڀ ويچارا. بي وس!

لڳندڙ ويچارو، پنهنجو پاڻ کي. ويچارگيءَ جو اهو احساس، پنهنجي بي‌وس هجڻ، پنهنجن ئي نظرن ۾ خسيس هجڻ جي احساس کي جاڳائيندڙ. ڪريل پنهنجي پاڻ - آڏو. خسيسپڻي جو احساس، لڳندڙ، ڪنهن اندروني، روحاني ايذاءَ تي پهو. هڪ پرپور خواهش جي سڄاڳپ: ڪو همدردي ڪري، پيار ڪري، گرڙانري پائي.

همدردي خيرات آ ـــــ

نفرت ـــــ

عاشيءَ سان گرانڙي پاتل. رڻندڙ پڻي، خاموشيءَ سان! رڻ ۾ ايندڙ هڪ قسم جو مزو، آسيس!

هارڊ بورڊ جي ڪيل پارٽيشن پٺيان هيڊڪلارڪ جي ڪمري منجهان ايندڙ سرپاٽ:

ـــــ ڪرنڪ آهي.

ـــــ نه ادا، بيغيرت آهي.

ـــــ ويچارو. ڀلا ڇا ڪري.

ويچارو ويچارو... پڙاڏا، ذهن جي گنبذ اندر ويچارو: سمجهندي پنهنجو پاڻ کي، اداسيءَ سان گڏ گهري روحاني چوٽ جي ايذاءَ جون سڻون. ان

اداسيءَ گاڏڙ پيڙا ۾، پنهنجو پاڻ مان اڻ - محسوس ٿيندڙ همدردي، ايندڙ قياس.

ڪلارڪ، پٽيوالا، عاشي، امان، فقير، آس پاس رهندڙ سڀ قياس جوڳا! بي غيرت ٽهل. گهٽيل درد. نيٺ؟ —

آفيس ۾ اوچتو آيل وزير: سڀ وائڙا ٿي، ڊڄي اٿي بيٺل. وڏو صاحب لوسي ڪتن وانگر اڳيان پٺيان چاپلوسي ڪندي ڳالهائيندڙ.

— مان اوهان جي ڪم مان مطمئن ناهيان. اوهان سست ڪاهل آهيو. وڏائيءَ وچان تحڪمانہ انداز

— بس سائين...

— هوءَ ڪرسي خالي پئي آهي.

— سائين ڪلارڪ موڪل تي آهي.

— ڇو موڪل تي آهي. سيڪريٽري هن جي سسپينشن جو آرڊر ڪڍ. موڪلون پوڪلون ڇڏي ڏيو، عوام جي حڪومت آهي. عوام اوهان کان پورو پورو حساب وٺندو. لڳندڙ رڙيل لفظ

— سائين، هن جي نياڻي سخت بيمار آهي انهي ڪري... هڪ ڪلارڪ جي جرئت.

وزير جون شوريل، رانيوڙا هڻندڙ، هن کي انتهائي ڪريل سمجهندڙ نظرون: تنهنجو ذالو چاهي ڙي.

ايندڙ چڙ، دل چوندڙ ٻيهر ويٺ ڪٺي نڪاح ڪرايانس.

ساڳي وزير جي اخبار ۾ تصوير: جهڪي انتهائي چاپلوسيءَ وچان وڏي وزير کي هٿ ملائيندڙ.
ڪريل اڻ وڻندڙ ٻچڙي شڪل.

ذهن خالي. سڄي وجود ۾ نفرت، ڪراهت ڀريل.

مسيت مان نڪرندڙ نمازين جو ميڙ. اڳيان هڪ ڏاڙهيءَ وارو اڌ-روٽ. ڳچيءَ ۾ ٻيل جوتن جو هار. جُتيءَ چور... جُتيءَ چور... واڪا. ٺڪون. ٻجا. لعنتون. ٿڦون. مسيت جو پيش امام ڏند ٽيڙي ٻڌائيندڙ ايندڙ ويندڙن کي: سائين ڏسو لعنتيءَ کي الله جي گهر مان جُتي ٿي چورايائين. پوءَ گهروڙي ٻجو هن جي منهن ۾: ٺڪ ٺئي پيٽان دوزخي.

آواز: هن لعنتيءَ جون مڇون، ڏاڙهي ڀرون ڪوڙيا وڃن.

ڦڪو، رت ٻنا منهن. اڇيون، سڪل اکيون. خشڪ چپ. واٽڙو، پريشان، حيران، ٻڌل پنهنجو پاڻ ۾.

لنگهندڙ ڪار بيٺل، دريءَ مان پڇندڙ ڪار هلائيندڙ. خوشامندي لهجي ۾ ٻڌائيندڙ پيش امام: رئيس اوهان کي ڇا ٻڌايان. ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي! لعنتيءَ مسجد شريف مان جتي ٿي چورائي...

ڪار مان لهندي، هن کي هڪ ڀرپور چماٽ وهائيندي: اڙي پيٽڇوٽ توکي شرم ڪونه آيو.

هو چپ، موڳو. قاتل اکيون. رت ڀنا منهن. ڪچي جهڙي ڀت.

جواب نٿو ڏين دُلا. ٻي چماٽ،

ڏڪندڙ، لڏندڙ، ٻاڏائيندڙ چپ: سائين، رئيس رب ٿو ڄاڻي ٽن ڏينهن کان وٺي منهنجي گهرواري بيمار... سڪرات... منهنجي هڙ ۾ ڪوڏي ٻائي به... مزوري ڪونه... ڊاڪٽر چيو... آپ ساهي.

اڙي انهيءَ ڪري رب پاڪ جي گهر مان جتي ٿي چورائي. ٽڪ ٿئي پيٽان ڪير. بچو.

چپ. ٻوٿو.

اڙي جي پالي نٿا سگهو ته شاديون ڇو ٿا ڪيو. پرائيويٽ هلايو. باقي رب جي گهر مان — لعنت هجئي پيٽان — مولوي صاحب هن خبيث کي ٿاڻي تي وٺي وڃوس، مان صوبيدار کي فون ٿو ڪيان.

جوش ۾ ٽڙ ٽڙ ڪنبندڙ هستيءَ بي وسي سڀ کان وڏو ڏوهه آهي. ها، ڪمزوري سڀ کان وڏو ڏوهه آهي.

جيڪڏهن هو، ڪنهن مسيت مان جتي چورائڻ بدران ڏاڙو هڻي ها ته—

سرڪاري اسپتال: ڏيرا، ڪنجهندڙ، ڪڻڪندڙ، هڏن جا پڃرا مريض. بي وس، لاچار. لائين ۾ بيٺل، ڏکهي لائين آهستي آهستي اڳتي رڙهندڙ. اوچتو لائين ٽيهجي ويل.

— ڊاڪٽر چانهه پي رهيو آهي.

— نه، نرس سان...

— سالو، اسين هتي مرون پيا، هي عياشيون ڪري رهيو آهي.

نڪرندڙ، شرمايل، ڊاڪٽر جي ڪمري مان نرس، ڪنڌ هيٺ ڪيو تيز تيز ويندڙ.

ڪنهن ڳوٺ مان ڪجي آيل ڳوٺاڻو مريض، ڪٽ تي. پوين پساهن ۾. ڏکيا ڏکيا ساهه کڻندڙ.

— ڊاڪٽر صاحب، سيگهه ڪر همراهه

— اڙي ها ها چپ ڪر چٽ پڌم. متو نه ڪاٺ. چڙب. چند گهڙين اندر مئل مريض.

حيثيت، سگهه! زنده رهڻ لاءِ.

هرهنڌ، هرڄڻو، جتي به، جنهن به، جيتري به، اختيار ۽ حيثيت جو مالڪ آهي، انهيءَ آڌار تي، انتهائي ڪميڻائپ سان، انجو فائدو وٺي ٿو. ونس آيل حاجتمند جي بيوسي ماڻي ٿو. نه ته به، اهڙي ڪوشش ڪري ٿو.

سانوري ٻرڇڻي نڪريل رنگ واري نوجوان فقيرياڻي.
ڪچ تي ٻار. هلڻ جي لوڏ ۾ خاص ماڻو.

’او رئيس، ڏٺيءَ جي ناليءَ ڏي نه —‘

’گهڻو ڪپڙي؟‘ قميص جي اڳ هيٺان ڇڏن ۾ ڪنهندڙ
رئيس جو هٿ ۽ اکين ۾ آڇ.

’جيڪو ڏيو.‘

’اڇ پٽيان.‘

جيئري رهڻ جي هيءَ ڪمزوري! ڪيڏي نه —

انڪار —

بغاوت —

ها، جيڪڏهن سڀ بي وس، پنهنجي پنهنجي جاءِ
تي ڊوهه — سرڪش

ڏند ڪرڙيل، لونڊيءَ وٽ نڙڪاٽ. لڳ لڳ
ٿڙڪندڙ: ڪير. هنن جي —
رانيون، لتون، ٿونشا...

ڏند ڪرڙيل، لتون، ٿونشا هٿندڙ جسم، ساٿو، پکهر،
سهڪ.

نه —

هنن جي —

چنبن ۾ هٿ، مضبوط پڪڙيل. ڏونداڙ. پٽ ساڻ نکر. نکر مٿان نکر. هڪ پرپور، پرپور، خواهش: پٽ ساڻ نکر هٽي هٽي ماري ڇڏڻ جي. سڄو جسم ڪنبندڙ. گڦ وهندڙ. مچريل.

موٽر جا پٽو، مان نٿو مڃان

مان نٿو مڃان

مسٽر شبير، هي فائيل نهايت ضروري آهي اڄ ئي

مان نٿو مڃان، پڌءِ ڪونه

هڪ زور دار لپاٽ هيڊڪلارڪ جي منهن تي

هليو وڃ

هليو وڃ— حڪم

ماڻهن جو ميڙ: اوهان سڀ حرامي آهيو. موٽر جا پٽ

مادر چو- مان پڇاڻءِ تو توکي اها جرئت ڪيئن ٿي هان؟

پيٽ ۾ لت

هان؟ عاشيءَ کي پڇاڻڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟

تنهنجي ته... اها توکي جرئت ڪيئن ٿي؟

منهن ۾ مڪ، نڪرندڙ رت نڪ مان

مڪ مٿان، مڪ، لت مٿان لت

سهڪندڙ

اوچتو ذهني چرڪ مان، مسرت: ڏڪندڙ آڱرين، ڪنبندڙ پوري جسم جي. وهندڙ پگهر جي. پگهر ۾ آلي ٿيل گنجيءَ جي. پگهر جي تيزابي، تکي بوءِ جي.

نڪ ۾ گهڙي ويندڙ تيزابيت واري پگهر جي تيز بوءِ، دماغ تائين پهچندڙ. نه چاهيندي به پگهر جي تيزابيت کي لڳاتار ساهه کڻي وري سنگهڻ جي ڪوشش، بچان پنهنجو پاڻ کان. گهٽ ۽ ٻوساٽ جو احساس وڌندڙ. ڪنبندڙ هستي، ان تيزابيت ۾ ڳرندڙ. قميص ۽ گنجي لاهي ڇڏيان. پنن کي آلي گنجيءَ جي آلاڻ ڇهندڙ. سڄي ڪمري ۾ تيزابيت جي بوءِ پکڙيل. ساهه ٻوساٽجندڙ. ايندڙ اوٽ. الٽي ايندڙ.

لاٿل قميص ۽ گنجي، اڌ بدن اگهاڙو. گرمي ۽ گُهٽ وڌندڙ. منجهندڙ ساهه. دل ڪچي ٿيندڙ. ڪرب، پنهنجي ئي جسم کان. ٻاهر اڱڻ ۾ اچي ڊگها ڊگها ساهه کڻڻ جو خيال. ۽ تازي هوا جي جهوٽن مان ايندڙ مزي جو تصور نئين حياتي ڏيندڙ. هر ليٽيل ساڪي هنڌ تي.

جيڪڏهن مان هينئر مري وڃان؟ مري وڃڻ جي سوال پٺيان، مري وڃڻ جو رومانٽڪ خيال لڪل. مري وڃڻ جي سڌ ڪاڏڙ خيال مان، زندگيءَ جي مبهم هجڻ، بي معنيٰ هجڻ جو گهرو، گهرو ۽ هستيءَ جي تجرباتي

سطح تي وڌيڪ ڌرمت لڳندڙ خيال. ٻئي ورهيءَ جو احساس انکي وڌيڪ هٿي ڏيندڙ.

ٻوساٽجندڙ ساهه. اوچتو اٿي، ٻاهر اڱڻ ۾ اچي ڏگها ڏگها ساهه. ڪانچ جا ور مٿي کٽي پسار اڱڻ جي. وٺندڙ ٿڌڙي، گهميل هوا. زندگيءَ جي تازگيءَ جو احساس. اوچتو، ان احساس سان: اڪيلائيءَ جو ويندڙ احساس. هڪ گهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن انسانن جو وجود لازمي آهي: خيال.

پر اڳي، عاشيءَ جي اچڻ کان اڳ ۾ مون ڪڏهن ٻئي انسان جي موجودگيءَ جي ضرورت محسوس ڪانه ڪئي هئي. اهڙو خال محسوس ڪونه ٿيندو هو، جنهن کي ڀريو وڃي. روٽين ۾ گم ٿيل زندگي هئي، هنجي وڃڻ کان پوءِ، ٻئي انسان جي موجودگيءَ جي ضرورت، بلڪ پنهنجي وجود ۾ هڪ کُٽل، خال محسوس ڪيان ٿو! ڪيڏو عجيب آهي!

ڇايس ڇو؟

هڪ حادثو! ٻن وجودن جي ميلاپ جو نتيجو. پر منهنجي هستيءَ جي پيدائش، جوڙ ۾ منهنجو حصو ڪيترو؟ منهنجي مرضي...

اوچتو: پيٽ ۾ وٽ. هيڻائيءَ جو تکو احساس. يادگيري: رات جي ماني ڪانه کاڌل. بک. هيڻائيءَ ۾ بک جي اشتها وڌيل. پر ڪجهه کائڻ جي تصور سان مٿل بک جو احساس. بک، جا لڳل، ٻر مئل.

هينئر سمهڻ گهرجي. رات ڪافي گذري — پانيان
تو ته — ننڊ لاءِ هڪ پيرو وڏيڪ جا ڪوڙ ڪيان...
بهتر ٿيندو ڪٽ ٻاهر ڪڍي سمهان.

ٿڌڙي، جسم ۾ ڪتڪتائي ڪندڙ هوا. مٿي اڀ
۾، ڪارنهن ۾ ٽمڪندڙ تارا. نظر ڪٿل اڀ ۾
گول ڌرتي ڦرندڙ. چمبڙيل ان ۾. چنبڙيل، لڙڪندڙ،
ٽڪڙا ٽڪڙا انسان. ڪيئن وانگر رڙهندڙ.
وڙهي رهيا آهن، چنبڙيل انسان.

ڪاڪوس ۾ گندي پاڻيءَ جو ديو، ڏيي ۾ رهندڙ
ڪنان.

لڳي ٿو آڄ بہ سڄي رات.
بکواس. سمهڻ گهرجي. پاسو ورائي پوريل اکيون.
اونڌه. ڏاهن سڄاڳ. اونڌه ڪاري، اونڌه نامي،
ڳاڙهاڻ مائل. لهندڙ، ڊهندڙ، ايندڙ ويندڙ عجيب
جاميٽريڪل شڪليون، گول، ٽڪنڊا، هورت جا اڀـا
ڇڏا، هيٺ\ ٻهت تي هندڙ ڳاڙهو، ڇتو ڳاڙهو رت
جو تلاءُ.

عاشي: پيڙا وچان ٻگڙيل، ڪرب پريل، ڏونهاٽيل
اڻ - ڇتو منهن.

بي چيني. ورايل پاسو، ڇڏن ۾ وهاڻو. ڊگها ساهه،
ننڊ لاءِ جاڳوڙ: ڊگها ساهه کڻي. سيلف سجيشن: مون
کي هينئر ننڊ ڪرڻ گهرجي. گهري ۽ مٺي ننڊ. مون
کي هينئر سمهڻ گهرجي. ڊگها ساهه. هينئر مون کي
گهري ننڊ اچي رهي آهي. غنودگي. ها، سکون ڏيندڙ
ننڊ اچي رهي آهي. پوريل اکيون. پوريل اکين اندر
ڪاري اونداهه پکڙيل. هڪ اگهاڙا انسان: ڀٽ ٽيل،
وحشاني انداز ۾ چرپر...

ڇوزا نه ڏس.

مون کي هينئر اجايا خيال نه اچڻ گهرجن. سکون
واري ننڊ اچي رهي آهي...

پوريل اکين اندر ڪاري اونداهه ناسي طوفان ۾
تبديل ٿيل. اوچتو ٺڪاءُ. ڌرتيءَ جو تيز ڦرندڙ گولو.
چٽو احساس پوري ويساهه هيٺ: زلزلو. ڌرتيءَ جو گولو
ڦاٽل، ڪپهه جي ڦٽين وانگر اڏامندڙ ذرا. ٺڪاءَ. وڏا
لوڏا، جهٽڪا. گرمائش چوڌاري پکڙيل تهه. لڙهندڙ
گرم، ٽچڪندڙ وهڪري ۾...

ڊپ. اوچتو اکيون ڀاڻمرادو کليل. لڏندڙ ڪٽ.

چند گهڙين تائين نيٺ، ڀنهه ڪجهه به نظر نه

ايندڙ. پوءِ ڏڪندڙ دل سان چوڪيدار نهار. ڏکهو ساهه.
مٿي آسمان ۾ هلندڙ هوائي جهاز جو آواز ڪنن تي.
مٿي نهار: ٽمڪندڙ تارا. چرندڙ هوائي جهاز جون
ڳاڙهيون ساڙيون بتيون.

هيڪلي گهر ۾، هيڪلي هجڻ جو تکو احساس.
در جي ڪِٽ ڪِٽ.
چور؟

شعوري سطح تي پاڻ کي ننديندي: پاڙي. هڙادو
ڪنگهه، پنهنجي زنده هستيءَ جي نماءَ لاءِ، ته آهي.
پر اندر من ۾ اٽيل ڏپ کي دٻائڻ ڪاڻ.

ڪنگهندي اٿي، پيشاب لاءِ ڪاڪوس ڏانهن ويندي،
ٻاهرين بتي ٻاريندي جا هن مهل تائين نه ٻاريل. ڪنڊن
۾ درن جي ڪڙن جي جاچ، هن اندروني انديشي سان
ته چور نه هجي.

پيشاب ڪري، کٽ تي اچي، چنگهون هيٺ لڙڪائي،
سڙن تي وهاڻو رکي سوچيندڙ: ننڊ لاءِ. سڀاڻي آفيس
۾ ڪم ڪيئن ٿيندو؟

ڪم پنهنجو پاڻ ڪان.

اوچتو: ننڊ انهيءَ ڪري ڪيان جو آفيس ۾ ڪم
ڪرڻو آهي! آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ننڊ ڪيان!

ذهني اوڙ ايندڙ. نفرت. ڦهريون پيرو چٽو احساس
ته: آفيس، آفيس جو ماحول اڻ - وڻندڙ. لڳندڙ: گهٽو

Soorih Mirani

اڪ ماضيءَ ۾، جڏهن اڪيلو حيدرآباد آيو هو، زندهه رهڻ لاءِ گذر جي وسيلي واسطي، تڏهن ڀهرين هن نوڪريءَ ۾ دلڪشي هُئي، پوءِ انهيءَ احساس جي موت سان: ڀاڻ آفيس جو هڪ پرزو بڻيل. حياتيءَ جي هن اهم حصي تي ڪڏهن به، ڏيان ڏيان نه سوچڻ جي باوجود، اهو سڀ ڪجهه سياويڪ لڳندڙ، سوچ جي تندن ڪي نه ڇهندڙ.

ڪيڏو عجيب آهي. سچ پچ: ننڍ انهيءَ ڪري ڪرڻ گهرجي جو آفيس ۾ ڪم ڪرڻو اٿم. آفيس ۾ ڪم انهيءَ ڪري ڪرڻو اٿم جو، زندهه رهڻ لاءِ اڻان ڪجهه ملي ٿو. نه ته مان، ننڍ نه اچڻ جي پرواهه نٿو به ڪري سگهان.

جيئرو ڇو ٿو رهان؟ اڪيل، قاتل سوال ذهن ۾: نوڪري ڪرڻ لاءِ، نوڪريءَ جي عيوض ڀگهار وٺڻ لاءِ، ڀگهار انهيءَ لاءِ جو زندهه رهڻو اٿم، ۽ زندهه انهيءَ ڪري رهڻو اٿم جو ـــــ؟ نوڪري ڪرڻي اٿم!

بڪواس.

مرڻو اٿم. زندگيءَ جي ڀڄاڻي نيٺ موت تي آهي ٿي.

هيءَ سڀ ڪجهه، ڪيڏو احمقانه ۽ عجيب ڍونگ آهي! سرت سان.

نه چاهيندي به،... ماحول ڪي، نوڪريءَ ڪي، هيءَ

جيڪو ڪجھ آھي، ان کي انھيءَ سان فِٽ نہ ايندي
۽ ماڳي زندگيءَ کي جيئڻ جو تيئن رکڻ لاءِ، انھيءَ
۾ محض چرپر ڪرڻ لاءِ، زندھ رھڻ.

آفيس. ان کان سخت نفرت. ٻئي ڏينھن، ان کان
پوءِ ٻئي ڏينھن ۽ ان کان پوءِ ٻئي ڏينھن...

آفيس نہ وڃڻ لاءِ دل.

ٻہ ـ ٽي ڏينھن سوڪل وڏان___

خيال: ٻہ. اِھي ٻہ ٽي ڏينھن ڇا ڪندس؟

آفيس جي روٽين واري ڪم ۾ رڌل پنھنجو وجود
۽ ان کان پوءِ جي عام رواجي زندگيءَ واري روٽين
۾ گم ٿيل ھستيءَ جنھن جي ھجڻ جو ڪڏھن احساس
نہ رھيو، عاشيءَ جي وڃڻ کان پوءِ نمايان ٿي بيٺل:
ڪيڏي اڪيلي، پيڙا پري، خال محسوس ڪندڙ پنھنجي
روپ ۾: ڀوڳيندڙ.

پوءِ بہ جيئڻ لاءِ ڀرپور آس رکندڙ!

'مان' آھيان جو احساس، انھيءَ احساس پٺيان ڇو
آھيان جو سوال. ڇو جي پٺيان سوچ جو لڳاتار سلسلو.
اھا سوچ جيڪا پنھنجيءَ ھستيءَ کي ڏونڌاڙي ڇڪي،
اپي ڪري آڏو ٻھاريندڙ. ڇو؟ نيٺ ڇو؟ ڪلارڪي
ڪرڻ لاءِ؟

ھي سڀ انسان انھيءَ ڪري جيئن ٿا، جيئڻ جي
جا ڪوڙ ڪن ٿا، ذليل ٿين ٿا، ذليل ڪن ٿا، سرخرو
ٿين ٿا، سرخرو ٿي ماڻين ٿا، سرخرو ٿيڻ لاءِ ڪيتريون

Soorih Mirani

ٿي ڪميٽايون، ذلالتون، ڪريل ڪان ڪريل ذوهہ ڪن
ٿا، رڳو انهيءَ لاءِ جو—

عجيب مشڪري آهي!

جيئڻو آهي. جيئڻ لاءِ نوڪري ڪرڻي آهي. شادي ڪرڻي آهي. شاديءَ لاءِ نوڪري ڪرڻي آهي. ٻار ڄڻڻا آهن. ٻار پالڻا آهن. وري شاديون... وري ٻار... وي—

هڪ اڻ - ڪٽ سلسلو.

مرڪ چپن تي، مرڪ ڦهلجندڙ. مرڪ جو احساس. مرڪ جو احساس احمقاڻو لڳندڙ. ڪل پنهنجو پاڻ تي، پنهنجي منهن ڪلڻ تي. ايندڙ ڪل پنهنجو پاڻ تي.

اوچتو سنجيدگيءَ سان: ڪٿي منهنجي دماغ جي ڪا رڳ تہ نہ ٽٽي رهي آهي!

سخت ڳڻتيءَ سان: مون کي ڇا ٿي ويو آهي!

لڳندڙ عجب، پنهنجو پاڻ تي. لڳندڙ ڏاريو پنهنجو پاڻ کي. ڏاريو، پنهنجو پاڻ آڏو. هڪ پرولي، ڇا سمجهہ ۾ نہ ايندڙ. منجهيل ذهن.

پاڻيءَ جي آسات.

پاڻي پيئندي، لهندڙ آڃ سان مزو ايندڙ. پاڻي پي، کٽ تي اچي ليٽيل. سگريٽ جي پاڙ. ٻرندڙ شعلو.

Soorih Mirani

## ذهن کوکلو، خالي.

ڪوڪلي ذهن اندر، ٽڪل ڪاهل، سوچ جي چرپر، حرامزادي عاشي. هن جي ڏي ڀاڙمرادي خيال اچڻ سان ويچارن جو هڪ سلسلو — پاڻ تہ موجن ۾ هوندي. اڄايو مون کي — اوچتو چرڪ سان 'پاڻ تہ موجن ۾ هوندي،' جو ڀڙاڙو پنهنجي ذليل هجڻ، انتهائي ڪريل قسم جي ڏوهہ ڪرڻ، بزدليءَ ۽ ڪانئرپڻي جو وڍيندڙ احساس.

ممڪن آهي هو ڪيس پنهنجي لاءِ وٺي ويو هجي.

پر هنن حالتن ۾ مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ بي وسي. ان ڏوهاري هجڻ جي وڍيندڙ احساس جي اذيت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ منطقي سوچ جو سهارو: جڏهن هوءَ پنهنجي مرضيءَ سان وئي آهي. هن پنهنجي اختيار جو ايترو استعمال ڪيو جو، مون کي آگاهہ ڪرڻ جي ضرورت بہ محسوس نہ ڪيائين. انهيءَ جي معنيٰ تہ: هن پنهنجي نئين زندگيءَ لاءِ جيڪا نئين واٽ ورتي انهيءَ ۾ هڪ تہ هوءَ خوش هئي ۽ ٻيو تہ هن منهنجو دخل مناسب نہ سمجهيو. انهيءَ حالت ۾ مان ڪير ٿيندو آهيان جو...

بڪواس. تون محض ڏوهاري هجڻ جي وڍيندڙ احساس کان پاڻ ـ بچائڻ لاءِ، پاڻ ـ ٺڳيندڙ سوچ جو اهو انداز اختيار ڪري رهيو آهين.

ڦٽڪي، بي حيائيءَ واري مرڪ.

پنهنجو پاڻ لڪائڻ لاءِ. مرڪ جو ڦهلاءُ: معنيٰ خيز مختصر ’هون‘ مان. ضروري آهي. لازمي ٿيو پوي.

نه ته ——

شام کان وٺي هن مهل تائين مان جا پيرا پوڪي رهيو آهيان. هُن پيرا ۾، پاڻ ـ مڃاڻيءَ هيٺ، آءٌ جو پنهنجو پاڻ آڏو، اصل روپ ۾ پيش ٿيو آهيان.

اصل روپ: بي وس، لاچار، ڦاٽل، اڪيل زندگيءَ جي اوڙاهه ۾. هيڪلو. هڪ اداس روح. ان اصل روپ کان وقتي طور پاڻ ـ ڇڏائڻ لاءِ، مان جا نند لاءِ جا ڪوڙ ڪري رهيو آهيان، سو پاڻ ـ لڪڻ، هڪ ضرورت آهي.

۽ جڏهن مون، پنهنجي هستيءَ کي اصل روپ ۾ شفاف نظر سان ڏٺو، بي مقصد آهي. ڪلارڪي، گهر، ڪلارڪي. هڪ روٽين. چاڪيءَ جي ڏاند وانگر! منهنجي مٿان ٿاڦي وئي آهي، يا مون اها مخصوص حالتن هيٺ پنهنجو پاڻ مٿان مڙهي آهي، نيٺ ان جو ـ ها، ان چڀندڙ احساس کان پاڻ ـ بچائڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن ريت لڪڻ لازم ٿيو پوي.

۽ مون جڏهن ڏٺو، عاشيءَ کي ايترو چاهيندي به، ممڪن آهي هوءَ به مطمئن نه هجي ۽ نه چاهيندي به اتي رهڻ تي مجبور هجي. ۽ مون ڏٺو، بي وس پنهنجو پاڻ کي. عاشي بي وس آهي. مان بي وس آهيان. هو ڪمزور بي وس آهي.

۰۰۰؟

چاڪاڻ تہ ڪمزور آهيون.

ها، ڪمزوري سڀ ڪان وڏو ڏوهہ آهي.

... چاهيندي بہ، نٿو ڪجهہ ڪري — ها عاشي، منهنجي پياري، منڙي! ڪير ڪٿي جو ڦر چوي ٿو تہ، مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ نٿو ڪيان. مان ڪيان ٿو، جو منهنجي وس ۾ آهي: رڙان ٿو: نيٺ تنهنجي لاءِ چو ٿو رڙان؟ هان؟ ها، تنهنجي لاءِ چو ٿو رڙان: انهيءَ ڪري جو، توسان اهڙو ناتو اٿم نہ. انهيءَ ڪري جو توسان انس اٿم نہ. انهيءَ ڪري جو توسان...

سڏڪندڙ عاشي، سيني ۾ منهن لڪائي روئندڙ.
ٿمندڙ ڳوڙها اکين مان، وهندڙ ڳلن تي.

نيٺ ڪمزور، ڪمزور ڇو آهن؟

هون — جيئري رهڻ لاءِ بغاوت، ارهہ زورائي —
پهتل، چيڪ نتيجي تي.

نہ پر —

جيڪڏهن هوءَ خوش آهي —
يا خوش نہ بہ آهي، تڏهن بہ مونکان وڌيڪ مضبوط آهي. جو هن ٽوڙيو ان مضبوط روايت جي پٽ ڪي. مون ڪي اعتراف

Soorih Mirani

بيزاري، ذهني ٿڪاوٽ، اوٻاسيون، آلس.

ڪٽ تي سڌو سنئون ليٽيل. ذهن خالي. ٽڪ ٽڪ. اڌ اگهاڙي بدن کي لڳندڙ ٿڌڙي ٿڌڙي هوا، ڳهر پيدا ڪندڙ، ننڊ جون ٿڪيون ڏياريندڙ. هلڪڙو وڻندڙ، مٺو مٺو ميڄ. پاسي وارائڻ تي دل. پاسو ورايل: گوڏا پيٽ ڏانهن، ٻانهون چڏنڻ ۾: ڪونگڙو.

ٿڌ، ميڄ جو احساس مٺل.

رڻ - پٽ. ٻٽڪندڙ ان ۾ هيڪلو. ڊڪ. ڊڪي رهيو آهي. ڊڪي رهيو آهي. ڊڪي رهيو آهي...... ڊپ. پٺيان ماڻهن جو انبوه. هڪ هنڌ بيٺل. هيڪلو. سهڪندڙ. چوڌاري نهار. پري پري تائين پکڙائتو رڻ پٽ.

آفيس: ويٺل ڪرسيءَ تي. فائيلن جو ڍڳ. وڏي صاحب جو بگڙيل، ڏمريل منهن. ڪائنس نفرت.

— تو کي جو مون چيو هو... ڪريل سمجهندڙ، ذليل ڪندڙ ورتاءَ.

— ها سائين.

خار. مان تنهنجي بابي جو نوڪر ناهيان. ڏيڍ سو پگهار ۾ فائيلن جو ڍير چڙ. ڏکيو، هڪ ٺي گولائيءَ ۾ گهمندڙ، گهاڻي اندر.

گهر: اوسيڙو ڪندڙ عاشي. گهر: ويران، چوڌاري سانت چانيل. مٽيءَ جا ته، چڙهيل. چلهه، وٽ چيار،

Soorih Mirani

ٿيو اونڌو پيل. اڪيلو گهر ۾. ڏيپ. ڏيپ جو وڏڻ.
هيڪلائيءَ جو ٿڪو احساس، واڪا ڪرڻ جي ڀرپور
خواهش. هر ساهه منجهيل. ڪير گهٽو ڏيندڙ. منجهندڙ
ساهه. اکين اڳيان اونداهه. چوڌاري ڦهليل ڪاراڻ.
ڪاراڻ ۾ اڇا اڇا ترورا. گهاٽو، ناسي، ڪارو دونهون
مٿي اڀ ڏانهن ويندڙ. ٻوساٽ، ڏکيءِ ساهه کڻڻ جي
ڪوشش.

عاشي رڙندڙ. ماڻهوءَ کي گهوگها ڏيندڙ، چڙهيل
سندس مٿان. ڏڪ مٿان ڏڪ...

اڀا گوڏا عورت جا. ڀريل مٽر. مٽر ٽلها ٿيندڙ-
عورت، عاشيءَ سان ملندڙ جلندڙ. گهر ۾ ٻهاري ڏيندڙ.
سوڙهو چولو ڦاٽل. ڪچن وٽ ٻهگهر. عاشيءَ جو
ڏيڇاڙيندڙ چهرو. وارو ڪريل، پيڙا ٽپڪندڙ منهن مان.
گوڏا اڀا. چوڌاري ڪارنهن ڦهليل. ڪاراڻ ۾ نانگ
تيز تيز هلندڙ. تيز ڀڄندڙ نانگ، ٻگهر ۾ شل. ڏيپ.
ڏيپ وڪوڙيل سڄي وجود کي. ٻيٺل هڪ هنڌ، ڏسندڙ
تيز تيز هلندڙ نانگ کي. نانگ ڏنگيندڙ عاشيءَ کي.
عاشي رڙيون ڪندڙ. ڏسندڙ بي وسيءَ ۽ لاچاريءَ وچان
عاشيءَ کي. ڀرين خيال نانگ کي مارڻ جو. پوءِ
ڏيپ وچان ڀاڄ. کليل ميدان ٿڪو ڀڄندڙ... پوري رفتار
سان ٿڪو پٺي رهيو آهي. ٿڪو پٺي رهيو آهي. رڻ-

ڀٽ. تکو ڀڄي رهيو آهي. نہ ڪٽندڙ، نظرن جون حدون اورانگهيندڙ رڻ - ڀٽ. ڀڄندڙ

ڀڄي ڀڄي ٿڪل هڪ هنڌ. سهڪندڙ سڄو. چوڌاري نهار: رڻ - ڀٽ ئي رڻ - ڀٽ. هيڪلو بيٺل، سهڪندڙ رڻ - ڀٽ ۾. اوچتو اڪيلائپ جو تکو، ڀڙڪ ڏياريندڙ احساس. ڏڄندڙ پنهنجو پاڻ کان. ڏپ جو ڦهلاءُ پوري جسم ۾. رڻ - ڀٽ ۾ اڪيلو پاڻ، ڏپ ۾ ڦنڊيل، سهڪندڙ دل، سوال بڻيل پنهنجي پاڻ آڏو.

اوچتو عاشي ظاهر ٿيل. ميرا ڪپڙا، چيڙهيل وار. ڏکي عاشيءَ کي گهرانڙي: رئندڙ گڏ. ٻنا سڏڪن، مات ۾، گوڙها ڳاڙيندڙ. سڪل گوڙها. هڪ ٻئي کي ڏسندڙ ڌارين نظرن سان. ڇڙڪ هڪ ٻئي کي ڇاڻڻ جي ڪوشش ڪندڙ.

سڀ ڪجهہ گم ٿيل.

هوا جي ٿڌڙي جهونڪي سان، هلڪي هلڪي ڇهندڙ ٿڌ. وڌندڙ ٿڌهن ٿڌ جو احساس. وڏيڪ ڪونگڙو: ٻئي سٿر مليل. ٻانهون ڇڏن ۾ ڪٺل.

ٻريل گهٽا نوجوان عورت جا. سٿل ڪٽ تي سنئين سڌي، وڏيون پور پيل اکيون، هلڪيون وريل ڀنڀٽيون.

هلڪي هلڪي ڇهندڙ ٿڌ جو احساس وڌندڙ. مليل سٿرن جي گرمائش. ڇهندڙ ٿڌ ۾ مليل سٿرن جي گرمي وڌندڙ.

Soorih Mirani

وٺندڙ، ڀوري هستيءَ ۾ عجيب قسم جي مزي جي وهڪ. ڪٽڪٽائي پرينڊڙ پچڪاري. سڙن ۾ آلاڻ. گرم گرم آلاڻ. گرم گرم آلاڻ ٽڏڙي لڳندڙ. ڇرڪ سان اٿندي، شلوار اگهه وٺان ڏسندي، آلي-آلي.

صبح جي اڃاڻ جنيءَ ريت ڇانيل. ٽپ ڏئي اٿيل ذهن ۾ کهاٽي دونهين وانگر ڇانيل، وکوڙيل خيال: آفيس. ساٿي ... ستل، مروٽيل حواس.

پرزي جي چرچر: ڪاڪوس، غسلخانو، ڪپڙن جي تبديلي... روح نڪتل، نپوڙيل هستي هڪ ئي چڪر جي ڦرٽيءَ ۾ ڦرندڙ، ڦرندڙ رهندڙ. مثل، سواءِ ڪنهن جهڙي احساس جي چُر-پُر ڪندڙ.

ڏهاڙي وانگر آفيس ڏانهن... ●

# اگهاڙو سچ

ماڻڪ: بيرحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ. سنڌي ليکڪن جي ٻڌکي قطار کان هٽيل، ڪٽيل ۽ الڳ. جنهن کي سنڌي ادب جا تازا ٺيڪيدار ليکڪ مڃڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ پڙهندڙ هن کي شوق سان پڙهڻ کان پوءِ گاريون ڏيندا آهن.

ڏسڻ ۾ بنهه سادو، اڻوجهه. پر اصل ۾ ميسوٽو. اڳ ۾ گرم بحث ڪندڙ، هاڻي گهٽو ڪري خاموش رهندڙ، من ۾ خطرناڪ ڳالهيون سوچيندڙ ۽ رڳو سوچيندڙ نه. جيڪڏهن هو اهي خطرناڪ ڳالهيون من ئي من ۾ سوچيندو رهي ته اسين سڀ ڊپ ۾ رهون ها. اسين سڀ الاجي ڇا ڇا سوچيندا آهيون، الاجي ڇا ڇا ڏهاڙي ڏسندا رهندا آهيون — گنديون، ڪنيون، واهيات ڳالهيون. پر پاڻ ئي انهن تي لڄي ٿيندا آهيون، پنهنجو پاڻ کي ڇڙٻيندا آهيون ۽ مڃڻ کان انڪار ڪندا آهيون ته اسان جي ذهن ۾، اسان جي چؤطرف اهڙو گند به آهي.

Soorih Mirani

اسان وٽ ڪلاسيڪي چوٽي آهي ته ڪنهن کي قلهوريو ته ڏپ ڪندو. هن نئين دور ۾ اسين سچ کي لڪائڻ جي خلاف آهيون، اسين سڀ حقيقت پسند آهيون، پر ان سان گڏ مهذب پڻ آهيون. اسين سچ کي، حقيقت کي ڪپڙا پهرائي پيش ڪندا آهيون.

۽ ساڳئي جو وڏي ۾ وڏو ڏوهه آهي ته ادب ته هو اگهاڙو سچ ٿو پيش ڪري، هن حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. آئون ڄاڻان ٿو ته اسان مان گهڻا ان ڳالهه کي قبول نه ڪندا. ها، جي چاهين ته ساڳئي کي دل کولي گاريون ڏئي سگهن ٿا، پر اهو خيال رکن ته وڏي وات گاريون ڏيندي گهٽون وهائيندي، رڙيون ڪندي ڪٿي چريا نه ٿي پون ۽ ڪپڙا لاهي رستن تي ڊوڙڻ نه لڳن. نه، اسين مهذب ماڻهو آهيون. اسين رڳو منهن ٻچڙو ڪندا سين ۽ ساڳئي کي آهستي آهستي فضيلت سان پر ٽي ڪچيون گاريون ڏئي ڇڏينداسين. تهذيب ۾ رک رکاءُ، مصلحت پسندي ۽ ٿوري منافقت اڻ ٽر آهن.

۽ انهن ئي ڳالهين کي نون ڪهاڻيڪارن قٻني ڪري ڇڏيو آهي، ٽڏي ڇڏيو آهي. روايتن جو ليڪو لنگهي ويندڙ، اگهاڙو سچ پيش ڪندڙ لڙهندڙ نسل جا ليکڪ جن کڏهن پيغمبر هئڻ جي، سونهين مڃڻ جي دعويٰ نه ڪئي آهي. هو پنهنجي ذهن جو، پنهنجي وجود جو بار لڪڻ وسيلي لاهڻ چاهين ٿا. ۽ اهو رڳو مٿن جو بار ڪونهي، سڄي نئين ٽهيءَ جو بار آهي، نين حالتن جو بار آهي- ساڳئي ان بار لاهڻ جي، اسان سڀني کي آجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

شوڪت حسين شورو

Soorih Mirani

# سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488